22 مارچ گليشيئرس ۽ پاڻين جو عالمي ڏينهن هئو

# گليشيئرس تيزيءَ سان پگهر جن پيا ۽ سنڌو سُڪي پيو

اسان جنهن سنڌو درياهه جي واديءَ ۾ آهيون، ان ڪي بہ انهن ٻنهي مسئلن جو خطرو آهي. گليشيئرس تيزيءَ سان پگهرجن پيا، جنهن سبب پاڻين جو پروسو ٽُٽندو پيو وڃي. ڪڏهن ٻوڏان ٻوڙ، تہ ڪڏهن سوڪهڙو. مٿان ماڻهپي ڪان وانجهيل انسانن جي هبش سبب هڪڙا بند، ٻيا هٽرادو وهڪرا ڪڍي درياهه ڪي سنڌ مان سُڪايو پيو وڃي. هاڪڙي، مهراڻ ۽ ناري جو تہ فطري ردوبدل ۽ ڌرتي ڌٻڻ سبب چوڙ بند ٽيڻ ڪارڻ اهي سڪي ويا، پر سنڌوءَ جو چوڙ اسان ڊيمن ۽ ڪئنالن جي شڪل ۾ پنجوڙ هٽي بند پيا ڪريون.



عبدالرحمٰن پيرزادو

ڳڏيل قومن جي پاڻيءَ بابت سن 2022ع ۾ ٿيل 36هين اجلاس ۾ ميمبر ملڪن ۽ پائيوار ادارن گڏجي عهد ڪيو تہ عالمي پاڻي جي ڏينهن جي مهم کي "گليشيئرن جي تحفظ" سان ڳنڍائي سن 2025ع کان هر سال مارچ مهيني جي 22 تاريخ گليشيئرس ۽ پاڻين جو عالمي ڏينهن طور ملهائيو ويندو. گليشيئرس ۽ عالمي پاڻي ڏينهن جو پهريون ڳڏيل عالمي ڏينهن 20 ـ21 مارچ 2025 تي پيرس ۽ نيويارڪ ۾ هڪ اعليٰ سطحي تقريب ۾ ملهايو ويو. ان طرح گليشيئرس ۽ پاڻيءَ جي عالمي مهم شروع آهي، جيڪا گليشيئرس ۾ ٿيندڙ تبديلين سبب پچڙيءَ جي ماڻهن ۽ ماحولياتي وايومنڊل تي مختلف اثرن کي اجاگر ڪري رهي آهي ۽ گليشيئرن جي ڳري وڃڻ يا ناپيد ٿيڻ سبب متاثر علائقن ۾ پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن ۽ انهن متعلق حڪمت عملين کي ترقي وٺرائڻ جي








فوري ضرورت، بين الاقوامي تعاون ۽ مقامي ماڻهن جي شموليت کان ويندي ڪوئلي، تيل ۽ گئس جي استعمال ۾ گهٽتائي لاءِ مسلسل عمل ۽ ان ڏس، ۾ هڪ ٻئي جي مدد سان گڏ آگهي ڦهلائڻ پڻ مقصود آهي. اها مهم نوجوانن کي پڻ گڏ ڪٺي هلي رهي آهي، جيئن ڪرائيوسفيرڪ سائنسز لاءِ عمل جي ڏهاڪي (2034ـ2025) جي اهداف سان پڻ سان هم آهنگي پيدا ڪري سگهجي.

ڪرائوسفيئر مان مراد زمين جي نظام جي ڄميل حصن جهڙوڪر برفاني جبلن، برف، گليشيئرس، برف جون چادرون، ساموندي برف، ڄميل زمين (پرمافراست)، ۽ ڍنڍن ۽ درياهن ۾ ڄميل پاڻي آهي.

لفظ "ڪرائوسفيئر" يوناني لفظن "ڪرائوس" (معنيٰ ٿڌو، ٿڌ، يا برف) ۽ "اسفيرا" (معنيٰ گلوب يا بال) مان آيو آهي. ڪرائوسفيئر زمين جي موسمياتي نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ سمنڊ جي سطح، سمنڊ جي گردش ۽ عالمي گرمي پد تي اثرانداز ٿئي ٿو. اهو تازي پاڻيءَ جي هڪ وڏي ذخيري طور پڻ ڪم ڪري ٿو.

موسمياتي تبديلين سبب جيئن جيئن سيارو گرم ٿئي ٿو تہ اهو ڪرايوسفيئر خاص طور تي ان ۾ ٿيندڙ تبديلين لاءِ خطرناڪ ٻڻجي ٿو. گليشيئر ۽ برف جي چادرن جي رجڻ سبب سمنڊن جي سطح ۾ واڌ ٿئي پئي ۽ موسمن ۾ پڻ عجيب تبديليون اچي رهيون آهن.

گليشيئرس ۽ پاڻيءَ جي عالمي ڏينهن انهن سيني ڳالهين سبب ڌرتي، پاڻين، زمين ۽ ٻنين تي ٿيندڙ اثر ۽ انهن جي ساهدارن تي متوقع اثرن کي ماڻهن تائين پهچائڻ، هنداڻ ۽ اشتراڪي جدوجهد ڪرڻ جو سڏ آهي.

اسان جنهن سنڌو درياهه جي واديءَ ۾ آهيون، ان ڪي بہ انهن ٻنهي مسئلن جو خطرو آهي. گليشيئرس تيزيءَ سان پگهرجن پيا، جنهن سبب پاڻين جو پروسو ٽٽندو پيو وڃي. ڪڏهن ٻوڙان ٻوڙ، تہ ڪڏهن سوڪهڙو. مٿان ماڻهپي ڪان وانجهيل انسانن جي هبش سبب هڪڙا بند، ٻيا هٽرادو وهڪرا ڪڍي درياهه کي سنڌ مان سُڪايو پيو وڃي.

درياهه جيسين سمنڊن ۾ چوڙ نہ ڪندا ۽ انهن جا وهڪرا سگهارا نہ هوندا، تيستائين انهن ۾ پاڻي ڪونہ بچندو. اهو ساڳو حال هاڪڙي، مهراڻ ۽ ناري درياهه جو اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. اهي درياهه تہ فطري ردوبدل ۽ ڌرتي ڌٻڻ سبب سندن چوڙ بند ٿيڻ ڪارڻ سڪي ويا وري سنڌوءَ جو چوڙ اسان ڊيمن ۽ ڪئنالن جي شڪل ۾ پنجوڙ هٽي بند پيا ڪريون.

پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن اسان سيني کي گڏجي درياهن، وهڪرن، ڍنڍن، ڍورن، واهن ۽ گليشيئرس جي باري ۾ نئين تُور کي آگاهي ڏيڻ ۽ انهن جي فطري شڪلين کي برقرار رکڻ جو سبق ڏئي ٿو. ■

# گليشيئرس جو تحفظ عالمي ضرورت نہ پر اسان جي بقاء جو معاملو آهي

سنڌونديءَ جي هيٺئين حصي ۾ واقع سنڌ جو گليشيئرس جي پگهرڻ ۽ برف جي پاڻيءَ تي گهڻو دارومدار آهي. صوبي جي زرعي معيشت، جنهن ۾ ڪٽڪ، چانور، ڦٽيون ۽ ڪمند شامل آهن، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراجن جي ذريعي آبپاشي لاءِ سنڌوندي تي ڀاڙي ٿي. ان ڪان سواءِ، سنڌ جي ڊيلٽا جو نازڪ ماحولياتي نظام، مٺي پاڻي جي وهڪري سان حياتياتي تنوع ۽ ساحلي برادرين کي ٽيڪ ڏئي ٿو، جيڪي لوڻياڻي پاڻيءَ سان مقابلو ڪن ٿا ۽ مڇيءَ جي شڪار کي برقرار رکن ٿا. پاڻيءَ جي عالمي ڏينهن 2025 جو موضوع ”گليشيئرس جو تحفظ“ ان ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪرائي ٿو تہ، عالمي گرمي پد وڌڻ ڪري گليشيئر تيزيءَ سان پگهري رهيا آهن.

سُڪارجاکرو

22 مارچ 2025 تي سڄي دنيا ۾ پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، جنهن جي شروعات گڏيل قومن 1993 ۾ ڪئي هئي تہ جيئن پاڻيءَ ۽ صفائيءَ جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ سجاڳي پيدا ڪري، ان لاءِ ماڻهن ۾ جستجو پيدا ڪئي وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ هن سال جو موضوع ”گليشيئرس جو تحفظ“ هئو، جيڪو گليشيئرس جي زندگي برقرار رکڻ ۽ پاڻي_ چڪر ۾ اهم ڪردار کي نمايان ڪري ٿو. اهو موضوع سڄي ملڪ خاص طور تي سنڌ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو؛ چو تہ موسمي تبديلي گليشيئرس جي پگهرڻ کي تيز ڪري ڇڏيو آهي، جنهن پاڻي جي سلامتي، زراعت ۽ روزگار کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي.
پاڪستان ۾ قطبي علائقن کان پوءِ دنيا جا سڀ کان گهڻا گليشيئرس موجود آهن، جن جو تعداد 7,000 کان بہ وڌيڪ آهي، جيڪي هندوڪش، قراقرم ۽ هماليہ جي سلسلن ۾ واقع آهن. اهي برفاني ديو، جن کي ”ٽيون قطب“ بہ سڏبو آهي، سنڌو نديءَ جي نظام کي پاڻي فراهم ڪن ٿا، جيڪا ملڪ ۾ پاڻيءَ جي فراهميءَ جو بنيادي ذريعو آهي. سنڌو نديءَ جو بيسن پيئڻ، آبپاشي ۽ هائيڊرو پاور لاءِ پاڻي مهيا ڪري ٿو، جيڪو پاڪستان جي 90 سيڪڙو زرعي پيداوار کي ٽيڪ ڏئي ٿو ۽ ڪروڙين ماڻهن جي روزگار کي ممڪن بڻائي ٿو.
سنڌونديءَ جي هيٺئين حصي ۾ واقع سنڌ جو گليشيئرس جي پگهرڻ ۽ برف جي پاڻيءَ تي گهڻو دارومدار آهي. صوبي جي زرعي معيشت، جنهن ۾ ڪٽڪ، چانور، ڦٽيون ۽ ڪمند شامل آهن، سکر ۽ ڪوٽڙي بيراجن جي ذريعي آبپاشي لاءِ سنڌوندي تي ڀاڙي ٿي. ان ڪان سواءِ، سنڌ جي ڊيلٽا جو نازڪ ماحولياتي نظام، مٺي پاڻي جي وهڪري سان حياتياتي تنوع ۽ ساحلي برادرين کي ٽيڪ ڏئي ٿو، جيڪي لوڻياڻي پاڻيءَ سان مقابلو ڪن ٿا ۽ مڇيءَ جي شڪار کي برقرار رکن ٿا.
پاڻيءَ جي عالمي ڏينهن 2025 جو موضوع ”گليشيئرس جو تحفظ“ ان ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪرائي ٿو تہ، عالمي گرمي پد وڌڻ ڪري گليشيئر تيزيءَ سان پگهري رهيا آهن. پاڪستان ۾، تحقيقات مان اندازو ٿئي ٿو تہ، گليشيئرس تيزي سان پنهنجو وجود وڃائي رهيا آهن، ۽ ڪجهہ ڪاڻن مُوجب، جيڪڏهن ڪاربن جو نيڪال گهٽايو نہ ويو تہ هن صديءَ جي انت تائين گليشيئرس جو 33 في سيڪڙو ختم ٿي سگهي ٿو. ان عمل سان هي ٻہ چئلينج پيدا ٿين ٿا:
هڪ مختصر مدي واري ٻوڏ ۽ ٻيو ڊگهي مدي واري پاڻي جي کوٽ.
مختصر مدي ۾، گليشيئرس جو گهڻو پگهرجڻ تباهہ ڪندڙ ٻوڏن جو سبب بنجي ٿو، جيئن 2022 وارين ٻوڏن ۾ ڏٺو ويو، جن پاڪستان جي 33 سيڪڙي حصي کي ٻوڙي ڇڏيو هو، جنهن ۾ سنڌ جا تمام گهڻا علائقا شامل هئا. انهن ٻوڏن لکين ماڻهن کي بي گهر ڪيو، پوکن کي برباد ڪيو ۽ بنيادي ڍانچي کي نقصان پهچايو، جنهن سان غربت ۽ غذائي عدم تحفظ ۾ واڌارو ٿيو. ڊگهي مدي ۾، گليشيئرس جو سُسڻ يا ڳرڻ سبب سنڌو نديءَ ۾ پاڻيءَ جي مستقل وهڪري جي گهٽجڻ جو خدشو آهي، جيڪو زراعت، توانائيءَ جي پيداوار ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهمي کي خطري ۾ وجهي ڇڏيندو.
سنڌ پنهنجي جاگرافيائي ۽ سماجي_اقتصادي حالتن جي ڪري منفرد خطرن جي مُنهن ۾ آهي. هيٺاهون علائقو هجڻ ڪري، سنڌ، اترين علائقن ۽ انهن ڪان مٿي ڪان توڙ پنجاب ڪان ٿيندڙ پاڻيءَ جي انتظام جي فيصلن کان متاثر ٿئي ٿي. گليشيئرس جي گهٽجڻ سان پاڻيءَ جي ورچ وارا تڪرار شدت اختيار ڪري سگهن ٿا، خاص ڪري 1991 جي پاڻي واري ٺاهہ هيٺ. ان کان سواءِ، سنڌ جا ساحلي علائقا، جهڙوڪ ڪراچي ۽ سنڌ جو ڊيلٽا، سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ۽ لوڻياڻي پاڻي جي ڪاهہ سان مقابلو ڪري رهيا آهن، جيڪي گليشيئرس جي پگهرڻ سان مٺي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ لاٿ سبب وڌيڪ خراب ٿي رهيا آهن.
سنڌ ناڪاره آبپاشيءَ جي طريقن، پاڻي جي زيان ۽ ناقص بنيادي ڍانچي جي سار سنڀال جهڙن انتظامي مسئلن جي بہ ور چڙهيل آهي. اهي چئلينجز گليشيئرس جي پگهرجڻ سان پيدا ٿيندڙ غير يقيني صورتحال کي وڌائين ٿا، جنهن ڪري علائقائي سطح تي وارين حڪمت عملين کي فَوري ترجيح ڏيڻ ضروري ٿي پيو آهي. پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن 2025 تي گڏيل قومن جي ڪاربن جي نيڪال ۾ گهٽتائي ۽ مقامي نبيرن جي اپيل، سنڌ جي عالمي سهڪار ۽ مقامي لچڪ جي ضرورت سان گهرو تعلق رکي ٿو.
پاڻيءَ جو عالمي ڏينهن 2025 گڏيل عمل جي ضرورت تي زور ڏئي ٿو تہ، جيئن گليشيئرس کي محفوظ ڪيو وڃي ۽ انهن جي خاتمي سان نهڪي سگهجي. عالمي سطح تي پاڪستان کي پيرس معاهدي جهڙن فريم ورڪس هيٺ ڪاربن جي نيڪال ۾ گهٽتائيءَ لاءِ مضبوط عزم جي حمايت ڪرڻ گهرجي؛ چو تہ پاڪستان جو پنهنجو نيڪال صنعتي ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ان سان گڏ، گليشيئرس جي نگراني، جبلن ۾ ٻيلن جي بحالي ۽ موسمي لچڪدار پاڻي جي ڍانچن جي ترقي لاءِ عالمي تعاون بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو.
علائقائي طور، سنڌ پنهنجي پاڻيءَ جي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ فعال قدم کڻي سگهي ٿي. جديد آبپاشي جي طريقن——جهڙوڪ ڊرپ ايريگيشن——ذريعي پاڻي جي تحفظ کي بهتر بنائي سگهجي ٿو. صوبي جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ، جيڪو تربيلا ۽ منگلا جهڙن مٿئين ڊيمن تي انحصار ڪان هٽي ڪري، موسمي لاهن چاڙهن جي خلاف حفاظت فراهم ڪري سگهي ٿو. ڳوٺاڻي آباديءَ کي بااختيار بنائڻ لاءِ برادريءَ جي اڳواڻي ۾ قدم، جهڙوڪ مينهن جي پاڻي کي جمع ڪرڻ ۽ واٽرشيڊ مينيجمينٽ بہ پاڻي جي بدلجندڙ وهڪري سان نهڪڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا.
ان ڪان علاوه، سنڌ جي ڊيلٽا جي حفاظت لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ماحولياتي وهڪري کي يقيني بڻائڻ وارين ڪوششن جي ضرورت آهي، جيڪو ماحولياتي نظام ۽ ساحلي پٽيءَ ۾ روزگار کي برقرار رکندو. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ تعاون، سمورين سماجي ڌرين ۽ عالمي شراڪت ڪارن سان گڏ، انهن حڪمت عملين کي اثرائتي نموني لاڳو ڪرڻ جي ڪنجي هوندو.
گڏيل قومن جي واٽر ۽ سينيٽيشن بابت ساليانو رپورٽ، جيڪا هر سال پاڻيءَ جي عالمي ڏينهن تي جاري ڪئي ويندي آهي، ان ڪوشش جي رهنمائيءَ لاءِ اهم انگ اکر ۽ بصيرت فراهم ڪندي. اسان جي ملڪ توڙي سنڌ جي لاءِ اها رپورٽ گليشيئرس جي خاتمي سان وڌندڙ پاڻيءَ جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پاليسين کي متاثر ڪري سگهي ٿي. ”گليشيئرس جو تحفظ“ سڀني ڌرين——سرڪارن، تنظيمن ۽ فردن——لاءِ فيصلائتي عمل جو سڏ آهي.
پاڻيءَ جي عالمي ڏينهن جي جذبي هيٺ، شعور پيدا ڪرڻ صرف پهريون قدم آهي. گڏيل قومن جي حوصلہ افزائي موجب، ايس ڊي جي ايونٽ نوٽسز ۽ واٽر ۽ ايس ڊي جي جي رٿبي وارين فهرستن ۾ سبسڪرائب ڪرڻ پاڪستان ۾ تنظيمن کي پنهنجا اقدام شيئر ڪرڻ ۽ عالمي بهترين طريقن مان سکڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو. سنڌ لاءِ، جيڪا موسمي تبديلي جي محاذ تي آهي، گليشيئرس جو تحفظ صرف عالمي ضرورت نہ پر بقاء جو معاملو آهي——اها ضرورت فوري عمل ۽ اتحاد جي تقاضا ڪري ٿي. ■


www.un.org



فوٽوگرافي انور ابڙو

# ’هيءَ پهرين تحريڪ آهي، جنهن ۾ ايڏا وڏا ليبر شامل ناهن-‘ جاويد قاضي

*14 مارچ 2025 تي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان سنڌوءَ تي نهرن ڪينالن خلاف ٿيل مظاهري وقت ميڊيا سان ڪيل ڳالهه ٻولهه*



سنڌ جو غيور عوام، دانشور، وڪيل، استاد، عورتون، انهن سڀني جي تحريڪ هينئر رُڪجڻ واري ناهي. هر بار ڪائونسل ان ڪي ليڊ ڪندي ۽ پوريءَ سنڌ جا ماڻهو، جيڪي پنج ڪروڙ آهن، سي اوهان کي هاڻي رستن تي نظر ايندا. اوهان تصور به نٿا ڪري سگهو ته هن وقت سنڌين ۾ ڪيترو شعور اچي ويو آهي. اوهان انهن کي هرڪائي نٿا سگهو. مون بار بار چيو آهي ته، خدارا پاڪستان پيپلزپارٽي هوش کان ڪم وٺي ۽ پنهنجي عوام جي مفادن جو خيال رکي. انهن کي مغروري هئي ته ماڻهو ساڻن گڏ آهن، ڪو مسئلو ناهي، پر اڄ سنڌن پيرن هيٺان زمين کسڪي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهن انهن کي پاڻي، پنهنجي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي لاءِ ووٽ ڏنو هو. سکر ۾ ڌاڙا لڳي رهيا آهن، هِتي ڪراچيءَ ۾ منشيات جا ڪاروبار هلي رهيا آهن. هِتي به پوليس وارا ڌاڙو هڻندي پڪڙيا ويا. اهي چورين ۾ ملوث آهن، تنهن ڪري هينئر هيءَ هڪ نئين لهر آئي آهي.

اسان وٽ هن وقت ڪو ليڊر ناهي. اسان جا ليڊر هئا شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، پر هينئر سمورن ڀٽوز ۾ اسان کي ذوالفقار علي ڀٽو جونيئر نظر اچي رهيو آهي. جيڪي عوام سان گڏ بيهندا، جيڪي سنڌ جي پاڻيءَ جي مسئلي تي گڏ بيهندو اهوئي اسان جو ليڊر هوندو. هن وقت پنج ڪروڙ ماڻهو ليڊر کي ڳولي رهيا آهن، ۽ هيءَ پهرين تحريڪ آهي، جنهن ۾ ايڏا وڏا ليڊر ناهن، پر ليڊر تحريڪون پيدا ڪنديون آهن، ليڊر تحريڪون پيدا ناهن ڪندا، تنهن ڪري هيءَ تحريڪ نوَن ليڊرس کي جنم ڏيندي.

آئين ۾ ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ (سي سي آءِ) ۽ پارليامينٽ لکيل آهي، آئين ۾ جديشري لکيل آهي، انهن کان ڪئنال ٺاهڻ جو فيصلو نه ورتو ويو. نه پارليامينٽ تي ان تي بحث ٿيو، نه سي سي آءِ ان جي منظوري ڏني، پر ڪئنال ٺاهيا پيا وڃن. ارسا اهڙن ڪمن جي منظوري ناهي ڏيندي. منظوري سي سي آءِ ڏيندي آهي، ۽ ڪئنال اڌ ٺهي ويا آهن. ان سان سنڌ بنجر بڻائڻ جو مقصد آهي. ڇا انڊس ڊيلٽا پاڪستان ۾ ناهي؟ ڇا هي سنڌي ماڻهو پاڪستاني ناهن؟ ۽ هي وڏيرا ۽ جاگيردار جيڪي خاموش ويٺا آهن، ۽ هيءَ جيڪا جدوجهد هاري ناري ۽ مزدور ڪري رهيا آهن، ان جو فائدو انهن وڏيرن ۽ جاگيردارن کي نه ٿيندو؟ اهي اسيمبليءَ ۾ ڪو ٺهراءُ پيش نٿا ڪن، پر سنڌ جا هي پنج ڇهه ڪروڙ ماڻهو پاڻ ٻاهر نڪرندا، اهي پاڻ ليڊر بڻجندا. اهي پاڻ پنهنجي پاڻيءَ جي حفاظت ڪندا.

جنهن پروجيڪٽ جي لاءِ عوام جي منظوري ناهي، اهو ڪهڙو پروجيڪٽ هوندو؟ تنهن ڪري هوش کان ڪم وٺو. اڃا به وقت آهي، ۽ اڄو سنڌين کي ٻڌايو ته، اسان اوهان سان گڏ آهيون. اسان کي عام پنجابيءَ کان ڪا پريشاني ناهي. هن پاڻيءَ سان عام پنجابيءَ جو به فائدو نه ٿيندو. اوهان هڪ زرخير زمين کي پاڻي ڏيڻ بدران اهو پاڻي صحرا ۾ ڪٽي وڃي رهيا آهيو. آباد زمينون اجاڙي ويران زمينون آباد ڪري رهيا آهيو. وڪيلن جي تحريڪ اوهان 2007ع ۾ به ڏٺي هئي. ان وقت به ڪارن ڪوٽن وارن اڳواڻي ڪئي هئي ۽ ڪاميابي ماڻي هئي ۽ آئين کي بچايو هو. هن ڀيري به ائين ٿيندو. ■

# افغان سرڪار ۾ اختلاف ۽ اسان جي ملڪ تي پوندڙ ان جا اثر



نور محمد سمون

افغان حڪومت جو آبادڪاريءَ جو هڪ اهم وزير خليل حقاني گذريل ڊسمبر مهيني ۾ ڪابل ۾ پنهنجي آفيس اندر خودڪش حملي ۾ 5 ٻين ساٿين سميت مارجي ويو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ وزير عباس سيتنڪزئي افغان حڪومت جي امير المومنين هيبت الله آخوند زادي تي نياڻين جي تعليم جي حوالي سان سخت تنقيد ڪرڻ بعد افغانستان مان فرار ٿي دبئي پهچي ويو هو ۽ فيبروري 2025ع جي پهرئين هفتي ۾ هڪ وڏيڪ اهم – گهرو وزير سراج الدين حقاني ڪجهه ڏينهن جي اڻ اعلانيه نجي دوري جي بهاني دبئيءَ هليو ويو هو ۽ ڏيڍ مهيني کان واپس ناهي وريو !!

افغان اميرالمومنين هيبت الله آخوندزادي وري سندن سر جي قيمت تي هزارين آمريڪي ڊالرن جيتري رقم جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي! افغان طالبان جي سرڪاري صفن ۾ سخت گير ۽ معتدل سوچ رکڻ وارن اڳواڻن جي وچ ۾ هڪ هلڪي لڪير شروع کان ئي هئي، پر ساڍن 3 سالن کان پوءِ اها لڪير هاڻ واضح نظر اچڻ لڳي آهي. حقاني افغان وزيرن: سراج ۽ عباس بابت اطلاع آهن ته، اهي ڪنهن برادر اسلامي ملڪ ۾ پناهه وٺي ويهي رهيا آهن. ٻئي طرف ڪجهه اطلاعن موجب اهي ٻئي اهم افغان طالبان اڳواڻ ڪنهن پاڙيسري ملڪ بدران افغانستان جي ئي ڏکڻ اوڀر واري پاڪستان جي وزيرستان سان ملندڙ سرحدي صوبي خوست ۾ ترسيل آهن. انهن اڳواڻن جي خوست ۾ موجود هجڻ جون خبرون درست آهن ته، ان کي تمام وڏي سياسي ۽ انتظامي اهميت جي نگاهه سان ڏٺو



آمريڪي پرڏيهي وزارت مطابق طالبان پاران اغوا ڪيل آمريڪي شهري جارج گليزمين کي ٻن سالن کانپوءِ خميس، 20 مارچ 2025 تي طالبان، آمريڪي صدر ٽرمپ جي ٿياڪڙيءَ ۾ آزاد ڪري ڇڏيو. ان کي ڊسمبر 2022ع ۾ تڏهن اغوا ڪيو ويو هو جڏهن هو هڪ سياح طور افغانستان ۾ گهمي رهيو هو. ياد رهي ته هلندڙ سال جي جنوري مهيني کان هينئر تائين هيءُ ٽيون آمريڪي شهري آهي، جنهن کي طالبان آزاد ڪيو آهي.

ويندو، ڇاڪاڻ ته خوست کي 2 طرفن کان پاڪستان جي سرحد لڳي ٿي ۽ ٻيا افغانستان کان ايندڙ رستا حقانين پنهنجي قبضي ۾ وٺي خوست کي ڪابل جي حڪومت کان الڳ ڪري ورتو آهي!

افغانين جي جنگي تاريخ ۾ دلچسپي رکڻ وارن جو چوڻ آهي ته، جڏهن سندن ملڪ مٿان ٻاهران حملو ٿيندو آهي ته اهي پاڻ ۾ اختلاف وساري ڪيرڪنڊ ٿي سمورا گڏجي انهن طاقتن سان وڙهندا آهن ۽ جڏهن اهي طاقتون اُتان شڪست کائي واپس موٽي ويندون آهن ته، انهن ۾ وري ”گهرو لڙائي“ شروع ٿي ويندي آهي. گذريل جمع جي نماز کان پوءِ اڪوڙه خٽڪ (ڪي پي ڪي) واري حقانيه مدرسي جي مسجد ۾ حملو ۽ هڪ اهم عالم سڳوري سميت اڌ درجن کن ماڻهن جي خودڪش حملي ۾ شهادت به ان سلسلي جي ڪڙي بيان ڪئي وڃي ٿي. ان حملي بعد جي يو آءِ جو اڳواڻ مولانا فضل الرحمان به ڏاڍو ڏڪارو آهي.

دوحا ۾ ڳالهين بعد 15 آگسٽ 2021ع ۾ طالبان کي ڪابل جي حڪومت ڏيارڻ وارن مان ملان عبدالغني برادر ۽ اڳوڻي اميرالمومنين ملان عمر جي پٽ ملان يعقوب سوڌو ڪجهه ٻيا وزير به انتهاپسند قيادت هٿان متاثر ٿي سگهن ٿا.

15 آگسٽ 2021ع کان هن مهل تائين بين الاقوامي برادريءَ کان لڳاتار ڪٽيل افغانستان پنهنجي پاڻ ۾ بند ۽ ٻُوساٽيل رهي نه رڳو هن خطي پر دنيا ۾ اڪيلو ٿي رهيو هو. نيٽو ۽ امريڪي فوجن جي ٻيساکين تي هلندڙ صدر حامد ڪرزئي ۽ صدر اشرف غني جي حڪومتن جا پير ڪڍڻ لاءِ جيڪي افغان طالبان جدوجهد ڪري رهيا هئا، انهن ۾ حقاني نيٽ ورڪ ۽ ڪوئيٽا شوريٰ جو ذڪر اڪثر ٻڌڻ لاءَ ملنديو رهيو هو. ڪابل جي هاٿوڪي فتح وقت ان وقت جي پاڪستاني وزير اعظم پاران طالبان کي ”غلامي جو زنجيرون“ ٽوڙي آزادي جو اعلان ڪرڻ تي ڪين مبارڪون ڏيڻ جو پاڪستان کي جعفر ايڪسپريس هائيجيڪنگ ۽ ٻين دهشتگرديءَ جي حملن جي صوورت ۾ اڃا تائين صرف ابتو نتيجو ملي رهيو آهي.

هن هفتي دوران افغانستان لاءِ آمريڪي خاص ايلچي ايڊم بوبلر اڳوڻي خاص ايلچي زلمي خليل زاد سوڌو پنهنجي هڪ وفد سان ڪابل جو دورو ڪري افغان پرڏيهي وزير امير خان متقي سان ملاقات ڪري ٻنهي ملڪن ۾ سفارتي تعلقات وڌائڻ جو عزم ورجائڻ کان سواءِ افغانستان ۾ اڍائي سالن کان قيد هڪ آمريڪي شهريءَ کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ضرور ٿيو آهي، پر بين الاقوامي سفارتڪاريءَ تي ويجهي نظر رکندڙن جو خيال آهي ته، افغان طالبان ۾ ڏقيڙ دوران هن آمريڪي وفد جي ڪابل جي دوري جو اصل مقصد طالبان جي ڪابل سرڪار جو ”پاڻي ڪَڇڻ“ هو. دهشتگرديءَ جي اندروني مسئلن کي منهن ڏيندڙ پنهنجو ملڪ افغانستان ۾ عالمي طاقتن جي ”طالبان رجيم چينج“ جي ايجنڊا تحت هڪ ڀيرو وري هڪ وڏيڪ وڏي امتحان مان گذرڻ وارو آهي. ■



## ڪلهه، 22 مارچ تي سنڌو تهذيب جو ڏينهن هئو

# سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا: ڪي تاريخي ۽ ٻوليءَ جا مونجهارا

ڪجهه وقت کان وٺي 22 مارچ کي سنڌو تهذيب جي ڏهاڙي طور ياد ڪيو وڃي ٿو. پر ان ڏينهن تي ٻه ڪي وڏيون علمي سرگرميون نٿيون ٿين. سنڌو تهذيب کي تهذيبن جي ترتيب ۾ ٻئي نمبر تي رکيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه سنڌو تهذيب سان بيواجبي ۽ ناانصافي آهي. سنڌو تهذيب جي ڦهلاءَ ميسوپوٽيميئن تهذيب کي جنم ڏنو ۽ اڳتي هلي سنڌو تهذيب ڌرتيءَ جي سيني تي سنڌو نديءَ وانگر ٻوڙان ٻوڙ ڪندي، تهذيبون اڏيندي، ثقافتون رڱيندي ڪيئي زمانا ڌرتي جي ڇاتيءَ تي موجود رهي، جنهن جو ثبوت اڄ ٻه سنڌوتهذيب جا ننڍا وڏا 2 هزارن کان وڌيڪ ماڳ آهن، جن ۾ ڪجهه مشهور ماڳ سڄي ننڍي کنڊ ۾ پکڙيل آهن.



نوراحمد جنجهي

سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا، دنيا جي تهذيبن ۾ برک تهذيب آهي جنهن تي برطانوي راڄ دوران تمام گهڻو ٿيو ۽ پوءِ اهو ڪم يا ته بيهجي ويو يا وري ان طمطراق سان جاري نه رهيو، جنهن سان ان کي جاري رهڻ کپندو هو. محترم رکيلداس بئنرجي کان وٺي جان مارشل تائين ٿيل ڪم وڌيڪ تحقيق ڏانهن تمام گهڻا دروازا کولي ٿو ۽ سوال اٿاري ٿو، جن تي سنجيده علمي ڪم ٿيڻ گهرجي.

ڪجهه وقت کان وٺي 22 مارچ کي سنڌو تهذيب جي ڏهاڙي طور ياد ڪيو وڃي ٿو، پر ان ڏينهن تي ٻه ڪي وڏيون علمي سرگرميون نٿيون ٿين، ڇاڪاڻ جو هتي تحقيق جي نالي ۾ تحقيق ڪانسواءِ ٻيو سڀڪجهه ٿئي ٿو ۽ حقيقي تحقيق ڪندڙن سان جيڪا جُٽ ڪئي وڃي ٿي، اها ٻه ڪنهن کان لڪل ناهي.



هن وقت تائين سنڌو تهذيب سان جيڪي لاڳاپيل سوال يا بحث هيٺ ايندڙ ڳالهيون آهن، تن ۾ آرين جي ٻاهران اچڻ جو سوال، تهذيبن جي قطار ۾ سنڌو تهذيب جي ترتيب، سنڌو تهذيب جو لکتي ورثو، تاريخ ۽ ثقافت اهم آهن. ڪن يورپي عالمن ۽ هندستاني عالمن آرين جي حملي آور ٿيڻ واري نظريي کي رد ڪيو آهي، جيڪا بنيا دي ڳالهه آهي. جيڪڏهن آريا ناهن ته پوءِ آرين سان لاڳاپيل ڳالهيون ٻه غيرتاريخي ۽ جڙتو آهن. جيئن ويدن لاءِ چيو وڃي ٿو ته، ويد سنڌوءَ جي ڪناري تي آرين لکيا. ڇا ان وقت جيڪا ٻي آبادي هئي ان کي پنهنجي ڪا زبان نه هئي، نه ڪو وڻن علم هو ۽ نه ڪا تهذيب هئي؟ ويدن کي ائين من گهڙت نظريي سان، اهڙن ماڻهن جي نالي ڪرڻ، جن جو پنهنجو وجود سواليه آهي، وڏي معنيٰ رکي ٿو، جنهن بابت تحقيق ٿي آهي ۽ ويدن جي ڪرونالاجي تي مذهبي نقطي نگاهه کان هٽي ڪري علمي رخ کان ڪم ٿيو آهي. پر اهو ڪم ٻه انگريزيءَ ۾ هجڻ جي ڪري هتي عام ناهي ۽ سڀني يونيورسٽين توڙي تعليمي ادارن جي نصاب جو حصو ناهي. ان نموني ڪيئن اهو تاريخي راز سلجي سگهجندو ته ويد ڇا آهن؟ انهن جي لکجڻ جو زمانو ڪهڙو آهي؟

ويدن مان رڳو رگ ويد ۾ سنڌونديءَ جي ذڪر کي ڏسجي ٿو ته، اهو زمانو سنڌوءَ جي جوڀن جو زمانو نظر اچي ٿو. ڇٽئي ويدن ۾ آيل سڀني ڳالهين جي هرپهلوءَ جو اڀياس ان دور جي ٻولي، ادب، ثقافت، عقيدي ۽ سماجي ڪاروهنوار توڙي ماحول کي نروار ڪندو. سنڌو تهذيب کي تهذيبن جي ترتيب ۾ ٻئي نمبر تي رکيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه سنڌو تهذيب سان بيواجبي ۽ ناانصافي آهي. سنڌو تهذيب جي ڦهلاءَ ميسوپوٽيميئن تهذيب کي جنم ڏنو ۽ اڳتي هلي سنڌو تهذيب ڌرتيءَ جي سيني تي سنڌو نديءَ وانگر ٻوڙان ٻوڙ ڪندي، تهذيبون اڏيندي، ثقافتون رڱيندي ڪيئي زمانا ڌرتي جي ڇاتيءَ تي موجود رهي، جنهن جو ثبوت اڄ ٻه سنڌوتهذيب جا ننڍا وڏا 2 هزارن کان وڌيڪ ماڳ آهن، جن ۾ ڪجهه مشهور ماڳ سڄي ننڍي کنڊ ۾ پکڙيل آهن، جيئن مهين جو دڙو، هڙاپا، ڍولا ويرا ۽ ڪاري پنگڻ وغير.




سنڌو سڀيتا جو ٻيو اهم سوال ان جي لکت پڙهڻ جو آهي، جنهن جي پڙهڻ کي سدائين ڪونه ڪو اهڙو رخ ڏنو وڃي ٿو، جو اها پڙهڻ ۽ سمجهڻ بدران، نه پڙهڻ ڏانهن وڃي ٿي. سنڌو لکت جي مُهرن تي اکرن سان گڏ شڪليون پڻ آهن، جيڪي ڪهاڻين کي بيان ڪن ٿيون. اکرن جي شڪل پراڻي آرامي زبان جي لکت سان مشابهت ڏيکاري ٿي، جنهن مان موجوده عبراني لکت نڪتل آهي. اسان وٽ ان ڏس ۾ جيڪو ڪم ٿيو آهي سو لکت کان وڌيڪ ٻوليءَ جي نظريي ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ان تي جن ڏيهي عالمن ڪم ڪيو آهي، سي جس لائق آهمڌن، پر سوال پيدا ٿئي ٿو ته انهن مان ڪيترا عالم آرامي، سرياني، عبراني، سنسڪرت ۽ عربي ٻولين جا ماهر هئا يا آهن؟ محترم سيد ابوالجلال ندوي جو ڪافي ڪم ٿيل آهي، جيڪو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي رسالي ۾ ڇپيل آهي. انهي عالم بابت چيو وڃي ٿو ته، هو سنسڪرت ۽ عبراني زبانن جو ٻه ڄاڻو هو، پر سندس ڪم جو سنڌيءَ ۾ سنڌو لکت يا مهين جي دڙي بابت لکيل ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ ڪوئي ذڪر ناهي.

ڪجهه ماڻهو وري سنڌو سڀيتا جي مُهرن جي لکت جي ميڪانيڪي ياچ ۾ لڳل آهن، جيڪو ڪم ٻه منجهائيندڙ آهي، ڇاڪاڻ جو مشين پروگرامڊ وَٽُ آهي ۽ سنڌو لکت جو ڪوئي ڪوآرڊينيٽ ان وٽ اڳ ناهي، ته خالي مشيني ياچ ڪنهن تز نتيجي ڏانهن وٺي نه ويندي. يا ته سٺي سمجهي سنڌو لکت کي نه پڙهڻ وارو لاڙو وڌندو ۽ اها هڪڙو تاريخ اسرار بڻائي عجوبو بڻائي ويندي، جيئن لکت ۾ سمايل اسرار نروار نه ٿي سگهن ۽ دنيا جا تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ بابت نظريا بيٺل رهن ۽ سندن لکيل ڪتاب پنهنجي حيثيت برقرار رکندا اچن.

سنڌو لکت پڙهجڻ سان دنيا ۾ تاريخ جو نظريو، ٻوليءَ جو نظريو ۽ تهذيب جو نظريو تبديل ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ انهن نظرين بابت ڇپيل، قيمتي سڏيو ويندڙ مواد ڳاڌن تي پکڙن جي مٺ ۾ وڪامجڻ جهڙو بڻجي ويندو. تنهنڪري سنڌو تهذيب جي قدامت کي نروار ڪرڻ لاءِ ان جي مهرن واري لکت توڙي تصويرن کي ڪنهن مشابهتي زبان يا ڇِتن جي مدد سان پڙهڻو پوندو ۽ ويدن بابت ٿيل تحقيق کي عام ڪندي، وڌيڪ تحقيق ڪرڻي پوندي. اها تحقيق اداراجاتي صورت ۾ ڪئي وڃي يعني ان ڪم لاءِ ماهرن تي مشتمل اهڙو ادارو هجي، جنهن ۾ ٻولي، تاريخ، قديم آثارن، بشريات ۽ تهذيبن جي علم جا ماهر شامل هجن. سنڌو تهذيب جو منجهيل سُٽ سلجهائڻ سان دنيا لاءِ ڪافي منجهائيندڙ سوال آسان ٿي پوندا، نيون ڳالهيون نروار ٿينديون ۽ تحقيق پڻ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي. ■



تصوير رائٽرس جي ٿورن سان.

# مارچ ويل غزه تي فاشسٽ اسرائيل جا ٻن مهينن ڪانپوءِ وري خوني حملا شروع

الهه بخش راٺوڙ

اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، غزه واسين کي هڪ ڀيرو ٻيهر رتوڇاڻ جو شڪار بڻائڻ شروع ڪيو آهي. حماس سان ڪيل جنگبنديءَ واري ٺاهه جي ٻن مهينن ڪانپوءِ جديد دور جي هٽلر_نيتن ياهو، جنگبندي جي ڀڃڪڙي ڪندي، گذريل اڱاري، 18 مارچ 2025ع تي ڪيل ڀهرين شديد حملي ڪانپوءِ هينئر تائين 700معصوم شهرين، عورتن، ٻارن، بزرگن ۽ جوانن کي موت جو ڪاچ بنائي ڇڏيو آهي.

غزه ۾ آڪٽوبر 2023 کان جاري جنگ ۾ هيل تائين معصوم شهيد فلسطينين جو تعداد 61 هزار 700 تائين پهچي ويو آهي، جڏهن ته بقول غزه جي صحت واري وزارت جي ته، هڪ لک 12 هزار 950 شهري زخمي ٿيا آهن.

اسرائيل هِن نئين حملي جو اهو بهانو بڻايو آهي ته، حماس سمورن يرغمالين کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. ان سان گڏ ٻيو بهانو اهو آهي ته، نيتن ياهو، ساڄي ڌر جي انتهاپسند يهودين جي گهيري ۾ اچي ويو هو، جن کيس ڌمڪي ڏني هئي ته، جيڪڏهن هن ٻيهر جنگ شروع نه ڪئي ته، هو حڪومت کان الڳ ٿي ويندا ۽ نئين مالي سال جي بجيٽ به منظور نه ٿي سگهندي. ان سان نيتن ياهوءَ جي 15 سالن جي حڪومت جو تختو اونڌو ٿي ويندو.

عالمي ميڊيا جي رپورٽس مطابق اسرائيلي حملن جي تازي لهر، جن ۾ غزه اندر سوين شهري موت جو ڪاچ ٿي ويا، وزيراعظم نيتن ياهون جي سوچ جو مظهر آهي، جنهن چاهيو پئي ته، جنوري 2025ع ۾ حماس سان هن جيڪو معاهدو ڪيو هو، ان کي ختم ڪجي. جنگ شروع ڪرڻ سان گڏ نيتن ياهو تي هڪ طرف يرغمالين جي گهرڀاتين جو دٻاءُ هو، ته ٻئي طرف ساڄي ڌر جي اتحادين جو مطالبو هو ته، جنگ ايستائين جاري رکي وڃي، جيستائين حماس جو هڪ به اڳواڻ يا ميمبر زنده رهي ٿو.

حماس جي قيمت عام فلسطيني ادا ڪري رهيا آهن، جيڪي روزانو پنهنجن پيارن جا مڙهه ڍوئڻ ۾ پورا آهن ۽ موت جو راڪاس لاڳاتار انهن جو پيڇو ڪري رهيو آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ، جنهن حماس سان معاهدي ڪرڻ لاءِ نيتن ياهو تي دٻاءُ وڌو هو، هاڻ اهو به رضيه جيان غندن سان ملي ويو آهي. هن کي به غزه جا شهري نه، پر زمين جو پلاٽ عزيز آهي، جنهن تي هُو عياشيءَ جو اڏو قائم ڪري سگهي. آمريڪي هشي ملڻ ڪانپوءِ قاتل نيتن ياهوءَ جنگبندي جي معاهدي جي ڀڃڪڙي ۽ غزه تي حملي ڪرڻ ۾ دير ئي نه لڳائي.

هي ٻئي وحشي بگهڙ هڪ ڀيرو ٻيهر جنگبنديءَ جي ڀڃڪڙيءَ جو الزام ته حماس تي ئي لڳائين ٿا، پر اُنهن معصوم انسانن ڪهڙو ڏوهه ڪيو، جن کي موت جي منهن ۾ اڇلايو پيو وڃي!

جڏهن کان حماس، اسرائيل تي حملو ڪيو آهي، اها اسرائيلي حملن جو ڪوبه جواب ڏئي نه سگهي آهي. اها رڳو جنگبنديءَ جي ٻئي مرحلي تي زور ڀريندي رهي آهي، جنهن تحت باقي يرغمالين کي به آزادي جي بنياد تي وڏيڪ فلسطينين کي جيلن مان آزاد ڪرائي سگهجي. حماس هيل تائين اسرائيلي فوج جي غزه مان نڪري وڃڻ ۽ مستقل جنگبندي جو مطالبو ڪندي رهي آهي. اهي ڳالهيون فيبروري 2025ع جي شروعات ۾ ٿيڻيون هيون، پر هيل تائين اسرائيل هڪ وک به اڳتي نه وڌائي هئي.

جنوري 2025ع ۾ اسرائيل ۽ حماس ۾ جنگبندي واري معاهدي، جنهن کي يقيني بنائڻ لاءِ ان وقت جي آمريڪي صدر جوبائيڊن ۽ ٽرمپ به زور لڳايو هو، اها مرحليوار جنگبندي هئي، ته جيئن 7 آڪٽوبر 2023 جي حملي ۾ حماس هٿان اغوا ٿيل ماڻهن کي آزاد ڪرائي سگهجي ۽ جنگ جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي. جنگبنديءَ جو پهريون مرحلو، جيڪو 19 جنوريءَ کان پهرين مارچ تائين جاري رهيو، حماس 25 اسرائيلي يرغمالين ۽ 8 ٻين شهرين جا لاش ڏنا. انهن جي بدلي ۾ اسرائيل وري 18 سئو فلسطينين کي جيلن مان آزاد ڪيو. آزادي حاصل ڪندڙن ۾ اهي ويڙهاڪ به شامل هئا، جيڪي خطرناڪ حملن جي الزام ۾ جنم ٽيپ جي سزا ڪاٽي رهيا هئا.

اسرائيلي فوج جنهن بفرزون ۾ پوئتي هٽي فلسطينين کي گهرن ۾ وڃڻ ڏنو، هاڻ انهن کي ٻيهر گهيري ۾ آڻي، انهن جو قتل عام ڪري رهي آهي. هينئر اسرائيل زميني فوج جا 40 کان 50 هزار فوجي جتا به طلب ڪيا ويا آهن، جيڪي فلسطينين جو قتل عام ڪندا. ان سان گڏ ڪيترائي معصوم شهري عمارتن جي مٽي جي ڍير هيٺان دٻجي ويا آهن، جن جي بچڻ جو ورلي امڪان آهي.

فاشسٽ نيتن ياهو جي حامين جو چوڻ آهي ته، جيڪڏهن وزيراعظم (نيتن ياهو) پوئتي نه هٽي ها ۽ جنگبنديءَ جي ٺاهه جي ڀڃڪڙي نه ڪري ها ته، سياسي طور تي هن جو موت ٿي وڃي ها. ملڪ ۾ سياسي بحران منهن ڪڍي ها، جنهن جي نتيجي نيتن ياهو گهر پيڙو ٿي وڃي هاڻ هو سياسي موت کان بچڻ لاءِ فلسطينين تي ڪاهي پيو آهي ۽ وحشي بگهڙ جيان معصوم ۽ هٿئين خالي انسانن جو شڪار ڪري رهيو آهي.

اسرائيل جو ناٽي جو وزير، جيڪو ساڄي، انتهاپسند ڌر سان واسطو رکي ٿو، ان به ڌمڪي ڏني ته، نيتن ياهو جنگبنديءَ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿيو ته، هو حڪومت کان الڳ ٿي ويندا. اهي ساڳيا اتحادي هئا، جن يرغمالين جي آزادي جي بدلي ۾ هرقسم جي معاهدي جي اجازت ڏني هئي. اولهه جي ميڊيا جو چوڻ آهي ته، نيتن ياهو جنگ شروع ڪري پنهنجي سياسي عمر ۾ اضافو ڪيو آهي. نيتن ياهو ۽ ان جي اتحادين جو اهو پراڻو خواب آهي ته، ڪنهن به صورت ۾ حماس جو مڪمل خاتمو آڻجي. جيڪڏهن جنگبنديءَ جي معاهدي تي عمل جاري رکيو ويو ته، سندن اهو خواب ساڀيان نه ٿي سگهندو.

غزه ۾ جنگ جي اها حالت آهي ته، جتي هزارين انسان موت جو راڪاس ڳڙڪائي ويو آهي، اتي سموريون عمارتون ڊهي پيون آهن، يا وري انهن جي اهڙي حالت آهي، جو اهي رهڻ جي قابل ناهن رهيون، پر ان جي باوجود فلسطيني پنهنجن اباڻن ڪکن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن. هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي هڏڙين جا محافظ ٿيڻ چاهين ٿا. هو پنهنجن انهن سمورن پيارن جي خوابن جي ساڀيان چاهين ٿا، جيڪي اسرائيلي جنگ جو ڪاچ ٿي ويا آهن.

اسرائيل کي اهو به ڊپ آهي ته، جيڪڏهن جنگبندي قائم رهي ته حماس هڪ ڀيرو ٻيهر غزه ۾ پنهنجو اثررسوخ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي، ڇاڪاڻ ته فلسطيني اٿارٽي انتهائي ڪمزور حالت ۾ آهي، جيڪا حماس جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. اسرائيل حماس جي ڊپ ۾ ورتل آهي، انڪري اهو حماس کي ڪوبه موقعو ڏيڻ نٿو چاهي. اسرائيلي حڪومت جنهن پهرين مرحلي جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ اهو چوڻ شروع ڪيو ته، انهن هڪ نئين آمريڪي تجويز تي اتفاق ڪيو آهي ته، حماس باقي يرغمالين مان اڌ شهرين کي آزاد ڪري، ان جي بدلي جنگبنديءَ جي مدي ۾ ستن هفتن جي واڌ ڪئي ويندي. ان سان گڏ اهو به وعدو ڪيو ته، اهي، نئين معاهدي لاءِ جلد ڳالهيون شروع ڪرڻ وارا آهن.

حماس اسرائيل جي نين تجويزن سان اتفاق نه ڪيو، ۽ چيو ته، نئين تجويز جنوري ۾ طئي ٿيل معاهدي کان مختلف آهي. ان ترت معاهدي جي ٻئي مرحلي تي ڳالهيون شروع ڪرڻ تي زور ڀريو. حماس هڪ آمريڪي، اسرائيلي ۽ چئن ٻين يرغمالين جا لاش واپس ڪرڻ جي آڇ ڪئي، ته جيئن ڳالهيون ٻيهر شروع ڪري سگهجن، جنهن کي اسرائيل "نفسياتي جنگ" قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو.

اسرائيل هاڻ غزه ۾ خوراڪ، ٻارڻ ۽ ٻئي انساني امداد کي مڪمل طور تي روڪي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ پاڻي صاف ڪرڻ وارا اهم پلانٽ به شامل آهن. آمريڪي صدر ٽرمپ، جنهن جنوري 2025ع ۾ جنگبنديءَ واري ٺاهه جو ڪريڊٽ ڪنيو هو، اهو حماس سان معاهدي تي مايوسي ظاهر ڪري چڪو آهي. ٽرمپ اها به ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن حماس يرغمالين کي آزاد نٿي ڪري ته، ان کي "جهنم جي حوالي" ڪري ڇڏيندا سين.

ٽرمپ غزه جي 22 لکن جي آبادي کي لڏپلاڻ ڪرائي، مصر، اردن ۽ لبنان سميت ٻين پاڙيسري ملڪن ڏانهن موڪلڻ جي به ڌمڪي ڏني هئي.

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن حماس کي ڌمڪايو ويو ته ان ڪنهن به اهڙي تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جيڪا حماس جي ڪمزوريءَ کي ظاهر ڪري. هينئر غزه ۾ نئين جنگ جي قيمت حماس کي نه، پر عام فلسطيني کي ادا ڪرڻي آهي. هينئر هڪ ڀيرو ٻيهر ڪيتريون جانيون ضايع ٿينديون، ان بابت ڪا به اڳڪٿي ڪري نٿي سگهجي. ■

”مان پلو، پيا خراب: مان پلو ڪم ڪيو، انڪري منهنجي عزت ڪريو، هُو ڪجهه نہ ٿا ڪن، ان ڪري ڪين بيعزت ڪريو.“

# مان پلو، پيا خراب:“ هڪ عجيب نفسيات جو ڇيد

اهڙا ماڻهو، جيڪي چڱا ڪم تہ ڪن ٿا، پر هر وقت ان جو دهل وڄائيندا آهن ۽ ٻين کي گهٽ ۽ پاڻ کي اعليٰ سمجهندا آهن. اهي نفسياتي طور تي خودپرستي يا گهٽ خوداعتمادي جو شڪار هوندا آهن. اهڙن ماڻهن ۾ خودنمائي ۽ ٻين کان مڃتا وٺڻ جي شديد خواهش هوندي آهي. نفسياتي ماهر الفريڊ ايڊلر جي نظريي موجب، اهو رويو هيڻ ڀاونا (احساس ڪمتري) کي لڪائڻ لاءِ هڪ دفاعي مڪينزم ٿيندو آهي.



امر فياض ٻرڙو

هزارين سالن کان انساني سماج ۾ مختلف قسمن جا رويا ۽ رجحان موجود رهيا آهن. اهڙا رويا جيڪي ماڻهن جي انفرادي نفسيات ۽ سماجي ماحول جو عڪس هوندا آهن. هتي پاڻ سماج ۾ هڪ ٻن متحرڪ ڪردارن تي ڪجهه لکنداسين. جيڪي ڪجهه نہ ڪجهه ڪري رهيا آهن. پر سندن ڪرت پويان ڪهڙي نفسيات لِڪي پئي هوندي آهي، ان جو ڇيد ڪنداسين. هڪ ڳالهہ واضح هجي تہ پاڻ ڇا، پر هتي ڪير بہ ڪنهن جي نيت کي سمجهي نہ ٿو سگهي، ها پر اهي نتيجا ضرور ڏسي سگهي ٿو، جيڪي ماڻهن جي ڳالهين مان ڪڍي سگهجن ٿا.

سو اسان ڏسي رهيا آهيون تہ سماج ۽ پنهنجي ماڻهن لاءِ هتي ڪجهه نہ ڪجهه ڪرت ڪندڙ ماڻهو ملن ٿا. اهي پلو ڪم ڪندا آهن، سندن ڪم عاليشان هوندو آهي، جنهن مان ڪافي ماڻهو لاڀ پڻ وٺندا آهن. انهن ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ ڪي ڪِليو ڪِليو ڪم ڪن، تہ ڪي ڪِنجهي ڪِنجهي، رُسي رُسي يا ڇڙيل ماڻهوءَ جيان ڪم ڪندا آهن. اچو تہ پاڻ انهن ٻنهي گروهن جو نفسياتي ڇيد ڪريون:

پاڻ وٽ هڪڙا اهڙا انسان بہ آهن، جيڪي بنا ڪنهن لالچ، خوف يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ چڱا ڪم ڪري رهيا آهن. هو اهو سمجهندا آهن تہ اُهي بنيادي طور انسان آهن، انڪري ڪين انسانيت لاءِ ڀلائيءَ جا رستا ڳولهڻ گهرجنم ڇو تہ اهو سندن فرض آهي، ۽ اهو فرض ڪين فطرت پاران عطا ڪيل آهي. ان ڪري نہ تہ اهي ڪنهن ٻئي مٿان احسان ڪري رهيا آهن، نہ ئي ٻين تي رعب رکن ٿا، تہ اوهان اهو ڪم ڇو نہ ٿا ڪريو.

اصل ۾ هن قسم جا ماڻهو بغير ڪنهن ذاتي مقصد جي چڱائي ڪن ٿا ۽ ان کي پنهنجو فطري فرض سمجهن ٿا. اهي نفسياتي طور تي خود شناس ۽ جبلتي طور تي متحرڪ هوندا آهن. مشهور نفسياتي ماهر ابراهيم ماسلو جي نظريي مطابق، ”اهڙا ماڻهو پنهنجين ضرورتن جي پورڻتا جي بلند ترين سطح تي پهتل هوندا آهن، جتي هو پنهنجي ذات کان ٻاهر نڪري ٻين لاءِ سوچيندا آهن. انهن ۾ خودشناسي ۽ همدردي جو گهرو احساس هوندو آهي، ۽ هو چڱائيءَ کي پنهنجي فطرت جو حصو سمجهندا آهن، نہ وري ڪو ٻين مٿان احسان يا نمائش جو سبب. اهي خاموشيءَ سان چڱائي پکيڙين ٿا ۽ ٻين لاءِ مثال بڻجن ٿا.“

اهڙا ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ذات اندر خود مرڪزي حيثيت رکن ٿا ۽ نفسياتي طور تي متوازن هوندا آهن. هن قسم جا ماڻهو جذباتي طور تي پختا، خود آگاهي رکندڙ ۽ سماجي ذميواريءَ جو گهرو احساس رکندڙ هوندا آهن. پنهنجي گذاريل وقتن ۾ اهي گهڻو ڪري اهڙي ماحول ۾ پليا هوندا آهن، جتي انسانيت ۽ اخلاقي قدرن جي اهميت تي زور ڏنل هوندو آهي ۽ سندن تربيت ۾ نماڻائي ۽ فقيري شامل هوندي آهي. اهڙن ماڻهن بابت لطيف سائينءَ جو هڪ بيت آهي، جنهن جي پهرين سٽ هوبهو ان خيال جي نمائندگي ڪري ٿي تہ:

سِپ موتي پيٽ ۾، ڪُچي ڪين مهاءُ،
ڪکڙ آنو ڪُڙه ۾، گهر گهر ڪر گواهَ!

هاڻي مٿئين بيت جي ٻي سِٽ ۾ وري جن ماڻهن جي نفسيات بيان ڪيل آهي، اهي اصل ۾ ٻئي درجي ۾ اچن ٿا. اهي اهڙا ماڻهو، جيڪي چڱا ڪم تہ ڪن ٿا، پر هر وقت ان جو دهل وڄائيندا آهن ۽ ٻين کي گهٽ ۽ پاڻ کي اعليٰ سمجهندا آهن. نفسياتي طور تي اهي خودپرستي يا گهٽ خوداعتمادي جو شڪار هوندا آهن. اهڙن ماڻهن ۾ خودنمائي ۽ ٻين کان مڃتا وٺڻ جي شديد خواهش هوندي آهي. نفسياتي ماهر الفريڊ ايڊلر جي نظريي موجب، اهو رويو هيڻ ڀاونا (احساس ڪمتري) کي لڪائڻ لاءِ هڪ دفاعي مڪينزم ٿيندو آهي. هن قسم جا ماڻهو پنهنجي عملن کي ٻين جي تعريف يا مقابلي ۾ ڏسندا آهن، ان ڪري اُهي هر محفل ۾ ”مان“ ”مان“ ڪندا رهن ٿا. نتيجي طور اها ”مان“ ”مان“ ڪرڻ واري حالت سندن اندروني بيچينيءَ ۽ نفسياتي عدم استحڪام جو سبب بڻجي ويندي آهي. اهي ماڻهو يا تہ سماجي دٻاءَ هيٺ هوندا آهن، يا انهن کي ننڍپڻ ۾ گهٽي تعريف يا گهٽ توجهہ ملي هوندي آهي، جنهن سبب هو ٻين کان مڃتا جا طلبگار بڻجي پوندا آهن.




ان قسم جي نفسيات جا ڪجهه هاڃيڪار پاسا ٿين ٿا، جن ۾ اهي بظاهر تہ ڪجهه فردن جا رول ماڊل ٿي پون ٿا، پر سندن ڪرت جي نقالي ڪندي وري انهن جهڙا ٻيا فرد پڻ پيدا ٿيندا ويندا آهن، جنهن سبب سماج ۾ اڻ سهپ ۽ عدم اطمينان جهڙيون ڪيفيتون پيدا ٿي پونديون آهن. جن جي ڪري سماج ۾ منافقت ۽ مقابلي جي روش وڌي وڃي ٿي، جيڪا آخرڪار سماجي رشتن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن سماج ۾ پاڻ ڏيکاءَ وارو رويو غالب ٿي وڃي، تہ انسانيت ۽ بي غرضي گهٽجي وڃي ٿي، ۽ ماڻهو صرف پنهنجي ذات جي تعريف لاءِ چڱا ڪم ڪرڻ لڳن ٿا، جيڪو سماج جي مجموعي ترقيءَ لاءِ نقصانڪار آهي.

انڪري اهو لازمي آهي تہ اسان کي مٿين ٻنهي قسمن جي ماڻهن جو ڇيد ڪري ڇنڊائي رکڻ گهرجي ۽ اهو سمجهجي تہ اسان بهتر نموني سان ڪيتري تميز ڪري سگهئون ٿا. ان سان گڏ اسان کي پنهنجي نيتن ۽ عملن جو جائزو هر مهل وٺڻ گهرجي تہ جيئن انسانيت جو اصل مقصد برقرار رهي ۽ هڪ تعميري سماج جُڙي سگهي. ■

# مصنوعي ذهانت ذريعي ٽرمپ جو غزه بابت تيار ڪيل ڪِريل پلان




هاڻ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ڪنهن بہ حرڪت تي حيرت نٿي ٿئي. 26 فيبروري 2025 تي ڪيل سندس سوشل ميڊيا پوسٽ ”ٽرمپ غزه“ سموريون حدون پار ڪري ڇڏيون هيون. ٽرمپ غزه جو پلان مصنوعي ذهانت ذريعي تيار ڪيو ويو هو. اها هڪ وڊيو آهي، جنهن ۾ سموريون حدون پار ڪيون ويون آهن. اها ڪِريل وڊيو آمريڪي صدر انسٽاگرام ۽ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ”ٽرٿ سوشيل“ تي پوسٽ ڪئي. وڊيو ۾ غزه جا مصنوعي طريقي سان تيار ڪيل ڪِلپس ڏيکاريا ويا هئا ۽ سوال ڪيو ويو هو تہ، ”غزه ۾ هاڻ ڇا ٿيندو؟“ جڏهن تہ بيڪ گرائونڊ ۾ ڌنون وڄي رهيون آهن. وڊيو ٽرمپ جي ”يوٽوپيا“ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، جيڪا غزه لاءِ صدر جي منصوبن جي علامت آهي.“

وڊيو ۾ غزه کي هڪ بيچ رزورٽ ۾ تبديل ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي، جتي ايلون مسڪ، سمنڊ جي ڪناري تي همس ۽ ڊانس ڪندي پئسن جي برسات ۾ گهيريل آهي. هيءَ مڪمل تصوير آهي، ڇاڪاڻ تہ ايلون مسڪ اصل ۾ پنهنجي دولت ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ڪٽي نہ ايندو آهي.

وڊيو ۾ ڪلب، پارٽيون ۽ ريزورٽس ڏيکاريا ويا آهن، پر سڀ کان وڌيڪ برداشت نہ ڪرڻ جهڙو پاسو، وڏو سونهري ٽرمپ جو مجسمو آهي. وڊيو اڳتي وڌي ٿي ۽ هڪ دڪان ڏيکاري ٿي، جنهن ۾ ٽرمپ جا مختلف سائيز جا سونهري مجسما رکيل آهن. ”ٽرمپ غزه، هڪ هوٽل آهي ۽ ٻار سونهري ڦوڪڻن سان کيڏن ٿا، جيڪي ٽرمپ جي وڏي مٿي جي شڪل ۾ موجود آهن.

ٽرمپ، جيڪو غزه ۾ پاڻ کي اهم مخلوق طور پيش ڪري ٿو، هيءَ وڊيو هڪ خوفناڪ ۽ تڪليف ڏيندڙ منظر پيش ڪري ٿي. ٽرمپ غزه ۾ پنهنجا مجسما لڳائڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي، جتي پهريان ئي ايمنسٽي انٽرنيشنل ٽيل نسل ڪشي جي دعويٰ ڪري چڪي آهي. ٽرمپ کي سوچڻ گهرجي تہ ڇا هو جديد دور ۾ هٽلر جي نازي دور جي سوچ جو ڦهلاءُ تہ نہ ڪري رهيو آهي؟

وڊيو ۾ سمنڊ جي ڪناري تي مختصر لباس وارين عورتن کي رقص ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. جيئن تہ هي مصنوعي ذهانت ذريعي تيار ڪيون ويون آهن، انهن عورتن کي ڏاڙهيون بہ آهن. ٽرمپ انتظاميا جي سخت مخالف ٽرانس پاليسين ۽ ڏاڙهي وارين رقص ڪندڙ عورتن سان ان جي منافقت شايد ٽرمپ ۽ ان جي ساٿين جي سوچ جي عڪاس آهي. شايد غزه تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ ٽرمپ اتي خواجا سرائن کي وڌيڪ حق ڏيڻ جو منصوبو جوڙيو آهي؟ انٽرنيٽ تي ٽرمپ جي ان حرڪت تي ماڻهن تمام گهڻي ڪاوڙ ظاهر ڪئي آهي.

ڪيترن ئي ماڻهن وڊيو جي مذمت ڪئي آهي. انسٽاگرام تي هڪ صارف لکيو تہ، ”غزه فلسطينين جو آهي، ڪنهن عجيب ٽرمپ جي خيالي دنيا جو ناهي.“

هڪ صارف لکيو تہ، ”هيءَ ڪِريل، شيطاني ۽ مڪروهہ ٽرمپ جو چهرو آهي. هر ڪلاڪ دوران ٽرمپ وڌيڪ هيٺئين سطح تي ڪِرندو آهي.“ نيبراسڪا جي اسٽيٽ سينيٽر ميگن هنٽ هي بہ انتهائي شاندار ٽوئيٽس ڪيا: ”ٽرمپ جي تجويز تہ آمريڪا، غزه جي علائقي تي قبضو ڪري، فلسطيني شهرين کي زبردستي بي گهر ڪري ۽ علائقي کي عياشيءَ جي اڏي ۾ تبديل ڪري، عالمي قانون، انساني حقن ۽ خودمختياري جي بنيادي اصولن جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي.“ هن چيو تہ، ٽرمپ غزه کي انسانن جي گهر طور نہ پر ايندڙ منصوبي لاءِ خالي پلاٽ طور ڏسي ٿو. فلسطينين جي زندگين جي هن وٽ ڪا بہ حيثيت ناهي. اهي رڪاوٽ آهن، جيڪي ڪسينو، گولف ڪورسز ۽ بيچ ريزورٽس جا مخالف آهن. آمريڪي سينيٽر مطابق هيءَ انتهائي افسوسناڪ پل آهي، بلڪل نفرت ڪندڙ، جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ڪري نٿو سگهجي.

هڪ ٻئي صارف ٽرمپ کي چريو شخص قرار ڏنو ۽ لکيو تہ، ”40 هزار انسانن کي غزه ۾ قرباني ڏيڻي پئي تہ جيئن ٽرمپ هي پاڳل وڊيو پوسٽ ڪري سگهي.“

فلسطيني شاعر مصعب ابوطہ جي لفظن ۾: ”فلسطينين کي ٽرمپ جي ضرورت ناهي تہ هو غزه جي باري ۾ ڳالهائي، جڻ هي خالي هوٽل جو ڪمرو هجي، جنهن کي ٻيهر ڊيزائين ڪرڻ جي ضرورت آهي. دنيا غزه جي بنيادي ۽ فوري ضرورتن جي باري ۾ ٻڌي، جيڪي غزه کي اڏيندا. اهي اسان فلسطيني هونداسين، نہ ڪي اهي جن غزه ۾ تباهي ڪئي. اهي فلسطينين جا سڄڻ ناهن، جيڪي ان کي مڪمل طور تي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا.“ ■ الهہ بخش راٺوڙ

# ڊاڪٽر عارف شاهہ گيلاني

## ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ سنڌ مدرسي جو شاگرد ۽ هڪ وڏو تعليمدان، جنهن کي اسان وساري ڇڏيو

1929 ۾ هن سنڌ مدرسة الاسلام مان ميٽرڪ پاس ڪئي. 1930 ع ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپل ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کيس سنڌ مدرسي ۾ عارضي استاد مقرر ڪيو. ان ڏينهن کان ڊاڪٽر دائودپوٽي سان سندس گهرو تعلق جڙيو، جيڪو آخر تائين قائم رهيو. ڊاڪٽر صاحب جي حياتيءَ تي لکيل پنهنجي ڪتاب The Sage of Sind ۾ سيد عارف شاهہ گيلاني لکي ٿو تہ "ساڻس منهنجا لاڳاپا 1920 جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ قائم ٿيا، جڏهن مان سنڌ مدرسة الاسلامي، ڪراچي ۾ پهرين درجي ۾ پڙهندو هوس ۽ سيد سليمان آصف صفوي (وفات 1944 ۾) جي گهر ۾ رهندو هوس، جيڪو ساڳئي اسڪول ۾ فارسيءَ جو استاد هئو. مان تربيلا کان هجرت ڪري آيو هئس ۽ مرحوم خان صاحب مريد علي قادر بخش سمون، جيڪو ان وقت اسڪول جو پرنسيپل هو، مون کي مرزا سليمان جي حوالي ڪيو هو، جنهن جو گهر اسڪول کان هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي فريئر ۽ ڪيمبل روڊن جي سنگم تي واقع هو.



مختيار احمد ملاح

جيڪڏهن اسان مان ڪنهن کي سنڌ جي تعليم جي تاريخ گڏ ڪرڻ جو شوق هجي ۽ ڊاڪٽر سيد عارف شاهہ جا لکيل مضمون گڏ ڪري تہ هڪ بهترين تاريخ جڙي سگهي ٿي. سنڌ جي تعليم کاتي ۽ سڌسماع واري کاتي ۾ گذاريندڙ هن عالم ۽ اديب جي هڪ وڏي جدوجهد ۽ ادبي سرگرميون آهن، جيڪي اڄ تائين سهيڙجي نہ سگهيون آهن. سيد عارف شاهہ گيلاني، پنجاب صوبي جي ضلعي هوشيارپور، تعلقي ٽنڊا جي ڳوٺ ٿاهلي ۾ 1910 ع ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش جي ٽن مهينن ۾ سندس والد فوت ٿي ويو ۽ سندس پيدائش کان 10 سال پوءِ سندس والده بہ وفات ڪري وئي. ان کان پوءِ سندس پرورش جي ذميواري سندس مامي ڪنئي. هن پنهنجي پرائمري تعليم خانپور ضلعي جي ڳوٺ ککڙ مان حاصل ڪئي. 1920 ۾ لوئر مڊل اسڪول تربيلا ۾ داخلا ورتائين. 1921 ۾ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ڪراچيءَ آيو ۽ 1922 ۾ هن سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخلا ورتائين، جتي سندس غربت سبب سنڌ مدرسي پاران رهائش، کاڌو ۽ ڪتاب وغيره جو مفت ۾ بندوبست ڪيو ويو.



1929 ۾ هن سنڌ مدرسة الاسلام مان ميٽرڪ پاس ڪئي. 1930 ع ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپل ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کيس سنڌ مدرسي ۾ عارضي استاد مقرر ڪيو. ان ڏينهن کان ڊاڪٽر دائودپوٽي سان سندس گهرو تعلق جڙيو، جيڪو آخر تائين قائم رهيو. ڊاڪٽر صاحب جي حياتيءَ تي لکيل پنهنجي ڪتاب The Sage of Sind ۾ سيد عارف شاهہ گيلاني لکي ٿو تہ "ساڻس منهنجا لاڳاپا 1920 جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ قائم ٿيا، جڏهن مان سنڌ مدرسة الاسلامي، ڪراچي ۾ پهرين درجي ۾ پڙهندو هوس ۽ سيد سليمان آصف صفوي (وفات 1944 ۾) جي گهر ۾ رهندو هوس، جيڪو ساڳئي اسڪول ۾ فارسيءَ جو استاد هئو. مان تربيلا کان هجرت ڪري آيو هئس ۽ مرحوم خان صاحب مريد علي قادر بخش سمون، جيڪو ان وقت اسڪول جو پرنسيپل هو، مون کي مرزا سليمان جي حوالي ڪيو هو، جنهن جو گهر اسڪول کان هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي فريئر ۽ ڪيمبل روڊن جي سنگم تي واقع هو. 1922 ۾، ڊاڪٽر صاحب (عمر بن محمد دائودپوٽو) ان وقت ايم اي جي امتحان جي تياري ڪري رهيو هو. شام جو گهر ۾ باقاعدي ايندو هو ۽ شاگردن کي رياضيءَ جي امتحان جي تربيت ڏيندو هو."

ڊاڪٽر عارف شاهہ گيلاني ڊاڪٽر دائودپوٽي کي داد تحسين ڏيندي لکي ٿو: "ڊاڪٽر صاحب، شاهہ (ڀٽائي) جو هڪ وڏو معتقد هو. هُن ڪيترا سال شاهہ (ڀٽائي) تي کوجنا ۾ گذاريا." ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عارف شاهہ، حافظ شيرازيءَ جو هي شعر ڏئي ٿو:

شهر خاليست زعشاق مگر کز طرفي،<br>
دستي از غيب بيرون آيد و ڪاري بڪند

اڳتي هلي ڊاڪٽر دائودپوٽي جي صلاح سان عارف شاهہ گيلاني وڌيڪ تعليم لاءِ نوڪري ڇڏي ڏني. ان کان پوءِ هو 1929 ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي کيس سنڌ اسڪالرشپ سان نوازيو ويو. انٽر آرٽس ۾ هن نارمن هي پرائز کٽيو. 1933 ع ۾ بي اي آنرز جي امتحان ۾ سنڌ ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائين. ادب لاءِ شيرازي ميموريل پرائز حاصل ڪيائين. ٻن سالن لاءِ ڪاليج ۾ فيلو مقرر ٿيو. 1935 ع ۾ علي ڳڙهہ مان ايم. اي فارسيءَ ۾ حاصل ڪيائين ۽ سر سالار جنگ ريسرچ اسڪالرشپ حاصل ڪيائين. ساڳئي جاءِ تي فارسي ايم. ٽي. بي. آرٽس جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. واپس اچي هن پنهنجي نوڪري سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي ۾ استاد جي حيثيت سان شروع ڪئي. جون 1936 ع ۾ هن اها نوڪري ڇڏي ڏني ۽ سورت ڪاليج، ان بعد ڪرناٽڪ ڪاليج ۽ اڳتي هلي الفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائين.

الفنسٽن ڪاليج ۾ پنهنجي استاد شمس العماءَ ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽي جي پوئواري ڪندي، مسلمان شاگردن جي ڏاڍي مدد ڪيائين. ڊاڪٽر دائودپوٽو، اسماعيل يوسف ڪاليج، انڌيري ۾ پرنسيپال هو. غريب شاگردن جي هر طرح مدد ڪندو رهندو هو. الفنسٽن ڪاليج ۾ پهرين کيس "گيلاني صاحب" سڏيو ويندو هو. هو فارسيءَ جو ليڪچرار هو. پوءِ مرزا غالب جي شاعريءَ تي ٿيسس لکيائين، جنهن تي بمبئي يونيورسٽيءَ کيس پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري عطا ڪئي. ان کان پوءِ هو "ڊاڪٽر گيلاني" سڏجڻ لڳو. سندس ريسرچ جو موضوع Ghalib : His Life and Persian Poetry هو. سندس اها تحقيق 1947 ع ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال قومي ڪتب خانا، لاهور مان شايع ٿي.

بحيثيت استاد ۽ منتظم سيد عارف شاهہ تمام سخت طبيعت جو انسان هو. ڊسيپلين قائم رکڻ ۽ ڪاليج ۾ شاگردن جي ڇڙواڳيءَ جو قائل نہ هو. ڪنهن بہ شاگرد کي جرائت نہ ٿيندي هئي تہ ساڻس بي تڪلف ٿي ڳالهائي سگهي. کيس فارسي پڙهائڻ تي عبور حاصل هئو. ڊاڪٽر گيلاني صاحب، ڪاليج جي شاگردن ۾ ادبي ذوق جي اوسر لاءِ "بزمِ حيرت" قائم ڪئي هئي، جنهن ۾ مسلم شاگردن سان گڏ هندو شاگرد بہ شريڪ ٿيندا هئا. ان هوندي ڪن هندو شاگردن، اخبارن ۾ خط لکڻ شروع ڪيا ۽ "بزمِ حيرت" تي مسلم ليگ جو ليبل لڳايائون. بهرحال اهڙي ڳالهہ هئي ڪانہ.


GHALIB

HIS LIFE AND PERSIAN POETRY

By

Dr. Arifshah C. Sayyid Gilani

PRINCIPAL

Government College, Hyderabad

(WEST PAKISTAN)

[Price: 16-0-0]

Published by

THE ALLIES BOOKS CORPORATION

KARACHI

پاڪستان جي قيام کان پوءِ هو پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي سنڌ آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. سَتت سنڌ جي تعليم کاتي ۾ شامل ٿي شڪارپور ڪاليج ۾ فارسيءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪرڻ لڳو. ڪجهہ سالن کان پوءِ کيس حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج جو پرنسپيال مقرر ڪيو ويو. هتي ڪاليج ۾ هن 1956ع کان 1961ع تائين خدمتون ڏيندي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ تيزي آندي. ڪاليج ۾ ناٽڪ جي روايت کي ورجائي ڪيترائي ناٽڪ اسٽيج ڪرايائين، ادبي محفلون ڪرايائين ۽ ميگزين جاري ڪيائين. هتي هن ڪيترائي نالي وارا شاگرد پيدا ڪيا. ان کان پوءِ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جو عهدو حاصل ڪيائين. ٿوري وقت لاءِ سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين، پر بعد ۾ تعليم کاتي ۾ واپس ساڳئي عهدي تي ويو، جتان رٽائرمينٽ ورتائين.

ڊاڪٽر عارف شاهہ گيلانيءَ جي مادري زبان جيتوڻيڪ پنجابي هئي، پر هن کي سنڌي زباني تي بہ عبور حاصل هو. هن انگريزي ۽ سنڌي زبانن ۾ تمام گهڻو لکيو. سندس انگريزي آرٽيڪل مختلف جرنلن ۽ ڊان اخبار ۾ شايع ٿيا. اردو ۾ ڪراچيءَ جي تاريخ تي ڪتاب "عروس البلاد ڪراچي" لکيائين. سنڌ جي تعليم تي بہ ڪيترائي مضمون لکيائين، جيڪي انتهائي لاجواب آهن. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي The Sage of Sind شايع ٿيل اٿس. بحيثيت ڊائريڪٽر سنڌ اطلاعات کاتي جي، شاهہ لطيف تي ڪي اسپيشل نمبر بہ ترتيب ڏنائين.

پنهنجي هڪ مضمون، "ڀٽائي جي شاعري" ۾ هي لکي ٿو تہ، "سعديءَ جي هر فن مولىٰ هجڻ، جاميءَ جي علميت، مير تقي مير جي نرم دلي، عرفيءَ جي گرمجوشي، فانيءَ جي موسيقي، حافظ ۽ نظيريءَ جي بيداغ لڪٽي، عمر خيام جي گنڀير فلسفي، عطار ۽ سنائيءَ جي ريجهائيندڙ تصوف، روميءَ جي وحدت الوجود واري نظريي، اقبال جي عظمت، وارث شاهہ ۽ فضل شاهہ جي سوز ۽ خوشحال خان خٽڪ جي بيخوفي ۽ صاف دليءَ کي تسليم ٿو ڪجي، پر شاهہ لطيف جو درد ئي پنهنجو آهي. سندس ڪو مَٽ ئي ڪونهي. هو نقل نہ ٿي سگهڻ جوڳو آهي. هو گنڀير بہ آهي تہ خوشدل بہ، طبعزاد بہ آهي تہ هر فن مولا بہ، دلسوز بہ آهي تہ خوشگوار ۽ غمگين بہ. مٺو بہ آهي تہ ڪمزور ۽ طاقتور بہ. صوفي بہ آهي تہ فيلسوف بہ. ان گهڻ رخي شخصيت جي ڪري ئي شاهہ صاحب سڀني قومن ۽ سڀني وقتن جي شاعرن جي ميڙ ۾ هڪ امتيازي مسند جو جائز حقدار آهي."

ان دور ۾ سنڌي عورتن لاءِ تعليم جا دروازا اڃا نہ کُليا هئا، پر ان جي باوجود سنڌي هندو خواتين ڪافي حد تائين تعليم جي ميدان ۾ اڳي چڪيون هيون ۽ ڪيترين گريجوئيشن بہ ڪئي هئي، پر مسلمان عورتن ۾ اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم جي تمام گهٽي کوٽ هئي. ڪين معاشري ۾ نوڪريءَ جي اجازت بہ ڪونہ هئي، ان جي باوجود ڪجهہ نالا ملن ٿا، جن ۾ 1936 ع ۾ پهرين مسلمان ڇوڪري اختر سلطانہ ڏيءُ هدايت اسڪول ۾ داخل ٿي، جيڪا بعد ۾ سيد عارف شاهہ گيلاني جي گهرواري ٿي. ان 1940 ع ۾ بي. اي آنرز ۾ پوريءَ سنڌ مان پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ انهيءَ ڇوڪريءَ کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ بمبئي مان سنڌ جي ڇوڪرين ۾ پهرئين ايم.اي (M.A) پاس ڪندڙ ڇوڪري هئي.

ڊاڪٽر عارف شاهہ گيلاني ڪجهہ وقت وفاقي حڪومت ۾ بہ ڪي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا بہ لکيائين. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سندس اهي انگريزي ۽ سنڌي لکڻيون گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آنديون وڃن. سندس وفات جو سال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. ■

# ڇڻ ته ماڻڪ هميشه جي لاءِ موڪلائڻ آيو هئو

هن، اسان جي ڪم جي نوعيت ڪي ڏسي بار بار موڪلائڻ جي تي ڪئي، پر اهو جيئن ته افطاريءَ جو وقت هو، سو مون مٿس زور ڀريو ته هُو افطاري ڪري پوءِ وڃي. پوءِ ماڻڪ ڪنگراڻي، الھ بخش راٺوڙ، محمد اقبال جاڪري، نزاڪت علي ڪوڪر ۽ مون گڏجي افطاري ڪئي. اُتي به ڪچهري ٿيندي رهي. بعد ۾ هُو موڪلائي هليو ويو. شايد اُن ڏينهن هُو اسان ڪان هميشه جي لاءِ موڪلائڻ آيو هو!

انور ابڙو

ماڻڪ ڪنگراڻيءَ به هفتا اڳ ۾ چيو هو ته. مان سنڌ مدرسه يونيورسٽيءَ اينڊس –" ۽ چار ڏينهن ڪن اڳ ڪراچي پريس ڪلب ۾ اسان جي پياري دوست شبير سومري صاحب سان گڏ وينو هو. ۽ جتان شبير سومري صاحب فون ڪري ٻڌايو هو ته. "مان ۽ ماڻڪ ڪنگراڻي پريس ڪلب ۾ وينا آهيون." ۽ پوءِ هِن ٻيا حال احوال به ڪيا هئا. گذريل ڪجھ مهينن ڪان اسان جو ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري تڪڙو تڪڙو رابطو ٿيو ٿي. ڇو؟ ان جي هاڻي تي خبر پوي، ته هُن ڪي وڃڻو هو. انڪري دوستن سان رابطا وڌائي ڇڏيا هئائين.

پراڃ (ڇنڇر ڏينهن. 22 مارچ 2025ع تي هي تاثر لکڻ وقت) ڪان پورو هڪ هفتو اڳ ۾. ڇنڇر ڏينهن. 15 مارچ 2025ع تي شام جو پنجين وڳي ڌاران جيئن ئي مان ميگزين جي آفيس پهتس ته فون چيڪ ڪرڻ تي ڏٺم. ڪجھ منٽ اڳ ۾ ماڻڪ ڪنگراڻيءَ جو فون آيل هئو. مون اُن ئي مهل کيس فون ڪئي، چيائين. "ويجهو ئي هئس. سوچيم. جَي اوهان هجو ته مان ملندو وڃان."

"مان رستي ۾ هئس، انڪري اوهان جي فون اچڻ جي خبر نه هئي... اوهان هليا اچو." منهنجي چوڻ تي چيائين، "پنجن ڏهن منٽن ۾ پهچان ٿو."

ماڻڪ پهتو. ڇهري تي ساڳئي رونق ۽ ڪِل. ويناسين. پهريون پيرو ڪُلي ۽ ڏکي ڪچهري ڪئي سين. ڪيئي ڳالهيون ڪيون سين: صحافت، نوان پراڻا صحافي، رپورٽنگ، حيدرآباد ۾ ڪاوش ۾ سندس ڪم ڪرڻ وارا ڏينهن، ڪاوش جا اُن وقت جا سندس دوست، الطاف پيرزادو ۽ ٻيا، حيدرآباد ۾ رولاڪيون، سوشل ميڊيا، ان جا سٺا ۽ خراب اثر، ٺڪاءَ، سندس پاءُ ۽ اسان جو پيارو دوست: عزيز ڪنگراڻي، جوهي، عاجز جمالي، جوهيءَ جا ٻيا دوست، ٿهيم... هِن جو پنهنجو صحافتي ڪئريئر، ڪي ٽي اين ۾ اسڪرپٽ ايڊيٽر وارا سندس ڏينهن، هن وقت هڪ گمنام اخبار ۾ سندس ڪم... ڪافي ڳالهيون ٿيون.

چيائين، "مون کي هميشه اهو ڪُٽڪو رهيو ته. اوهان مون تي ناراض هوندا. جو منهنجي ڏينهن ۾ ڪي ٽي اين تي اوهان جو ڊرامو رڪارڊ نه ٿيو هو. ۽ ان ۾ منهنجو ڪوبه قصور نه هو. مون کي محمود ميرجت واپس ڏيئي ويو هو ته. مان هي نٿو ڪريان."

"اوھ. يار مون کي ته اها ڳالھ ياد به ناهي... ۽ اهو ڊرامو مون ڪان محمود ميرجت لکرايو هو. ان ۾ اوهان جو ته ڪو به ڪردار نه هو. ۽ ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو، ان جي مون کي خبر ناهي. ڊرامو ڏيڻ ڪانپوءِ مون محمود ميرجت کي ٻه ٽي دفعا فون ڪئي هئي، جڏهن هن اها اٽينڊ نه ڪئي ته. پوءِ مان سمجهي ويس ته. هو ڊرامو نٿو ڪرڻ چاهي، انڪري مون ان جون باقي قسطون لکي پاڻ وٽ رکي ڇڏيون. باقي محمود کي، مون کي پاڻ ٻڌائڻ گهرجي ها ته. هو اهو ڊرامو ڇونه ٿو ڪري؟ پر بعد ۾ مون لاءِ اهو سٺو ٿيو جو ساڳيو ڊرامو پي ٽي وي جي پروڊيوسر مقبول شجراع پي ٽي وي تي ڪيو ۽ مون کي وڏيڪ پيسا به مليا."

ماڻڪ جي اباڻي ڳوٺ ۽ عاجز جماليءَ جي اباڻي ڳوٺ تي به ڳالھ ٿي. ٻڌايائين ته. "اسان جا اصل ۾ جوهيءَ ڪان ٻاهر ڳوٺ آهن. پر پوءِ جوهيءَ ۾ به گهر ورتوسين. جڏهن ته عاجز وارا ٻانڌيءَ هليا ويا هئا."

پنهنجي وڏي پاءُ عزيز ڪنگراڻيءَ کي هن پنهنجي پاءُ سان گڏ پنهنجو دوست ۽ مينٽر ٿي چيو. ۽ چيائين ته."سندس شخصي تربيت ۾ هُن جو وڏو هٿ آهي." "عزيز جي تحقيقي ڪم تي به ڳالهائين ۽ ٻڌايائين ته."هڪ ڀيري هڪ تقريب ۾ هڪ نالي واري محقق بنگالي آرڪيالاجسٽ اين جي مجمدار تي ٿيل ڪم پنهنجي ڪاتي ۾ ٿي ڳٽايو. سو جڏهن مون ڪانئس سوال ڪيو ته. ٻلا مجمدار تي سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي به ليڪ ڪم ڪيو آهي؟ ته همراھ سمجهي ويو ۽ چيائين."مون ڪان اڳ ۾ عزيز ڪنگراڻيءَ جو ان تي ڪم ٿيل آهي."

منهنجي اِن پڇڻ تي ته."اڄڪلھ ڪهڙي اخبار يا چينل ۾ آهيو؟" ته ٻڌايائين. "هڪ ڊمي قسم جي اخبار آهي، ان ۾ ڪم ڪيان ٿو. پر ڊيوٽيءَ جي ڪا خاص پابندي ناهي." سندس اهڙي صورتحال تي مون کيس چيو ته."ادا هڪ همراھ پنهنجي بايوگرافي لکرائڻ ٿو چاهي. ڪجھ ڏينهن اڳ هڪ دوست مون کي چيو ته. مان اُن همراھ سان ملاقاتون ڪري، ڪانئس سوال ڪري، اها بايوگرافي لکان، پر مون وٽ وقت ناهي، سو جيڪڏهن اوهان اهو ڪم ڪيو ته مان دوست سان ڳالهايان."

چيائين، "بلڪل، اوهان دوست سان ڳالهايو."

ان بعد اسان گهڻو اُنهن دوستن تي ڳالهايو، جيڪي اسان ڪان وڇڙي ويا هئا. انهن ۾ خاص ڪري رشيد راڄڙ، ارشاد گلاباڻي ۽ پائو ذلف پيرزادو سرفهرست هئا. جن جي جدائي هڪ ئي نيچر واري هئي.

"يار اسان ڪان اهي دوست سندن مڌ پياڪيءَ واري عادت جلدي کسي ورتا." منهنجي ان ڳالھ تي پوءِ ماڻڪ خاص طور تي رشيد راڄڙ ۽ پائو ذلف جون ڪافي ڳالهايون ٻڌايون. هي رشيد راڄڙ جون تڏهن جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو. جڏهن حيدرآباد ۾ ڪاوش ۾ ڪم ڪندو هو.

"هڪ ڀيري رشيد صاحب. مليو. صفا هوش ۾ نه هجي. مليو... ٽيڙ ڪائڻ واري انداز ۾ ٿي هليو. چيائين.'فلاڻي صاحب سان ملندس، مون کي وٺي هل..' مان ڇرڪي ويس ته. هن کي ههڙي حالت ۾ اُن سان ملائيندس ته اُتي الائي ڇا ڳالهائيندو..' مون ٽاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دڙڪا ئي به ڏنائين... ۽ چيائين.'تون ڇا ٿو سمجهين ته مان هوش ۾ ناهيان؟ مان هوش ۾ آهيان. تون ڊڄ نه..." پوءِ دل جهلي کيس وٺي ويس... بعد ۾ اُن صاحب مون کي گهرائي چيو.' ههڙي حالت ۾ ته نه وٺي ايندو ڪريسِ..." سو ائين پيتو ٿي اسان جي انهن دوستن. ساڳي صورتحال پائو ذلف جي ٻڌايائين. ۽ چيائين ته."اڪثر مان کيس اهڙي حالت ۾ منظور ڪالونيءَ سندس گهر وٺي ويندو هئس."

"اهي اسان جا بهترين ٿيئي دوست ۽ سنڌ جا وڏا صحافي اسان ڪان نشي کسيا." مون ائين چوندي ڪانئس پڇيو ته."اوهان جي طبيعت ٺيڪ آهي؟ ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ اوهان جي بيماريءَ جي فيس بڪ تي هڪ رپورٽ رکيل هئي، جيڪا پڙهي اسان ڳڻتيءَ ۾ اچي وياهئاسين. ته چيائين."اها پراڻي پوسٽ هئي، جيڪا مون ٻيهر شيئر ڪئي هئي. پر پوءِ جڏهن الھ بخش راٺوڙ ۽ ٻين دوستن فون ڪري طبيعت پڇي ته مون اها پوسٽ ڊليٽ ڪري ڇڏي، پر مان ٺيڪ آهيان."

پر هُو ٺيڪ نه هو.

هن، اسان جي ڪم جي نوعيت ڪي ڏسي بار بار موڪلائڻ جي تي ڪئي، پر اهو جيئن ته افطاريءَ جو وقت هو، سو مون مٿس زور ڀريو ته هُو افطاري ڪري پوءِ وڃي. پوءِ ماڻڪ ڪنگراڻي، الھ بخش راٺوڙ، محمد اقبال جاڪري، نزاڪت علي ڪوڪر ۽ مون گڏجي افطاري ڪئي. اُتي به ڪچهري ٿيندي رهي. بعد ۾ هُو موڪلائي هليو ويو. شايد اُن ڏينهن هُو اسان ڪان هميشه جي لاءِ موڪلائڻ آيو هو! ■



## ماڻڪ ڪنگراڻيءَ جي ذاتي، ادبي ۽ صحافتي زندگيءَ جو مختصر تعارف

ماڻڪ ڪنگراڻي ناميارو شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊرامه نگار ۽ صحافي هئو. سندس لکيل ڪيترائي ڊراما ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد سان گڏ پاڪستان ٽيليويزن نيٽورڪ ڪراچي، ڪي ٽي اين ۽ ٻين چينلز تان نشر ٿي چڪا آهن.

ماڻڪ جي ڇٽيءَ جو نالو ماڻڪ خان ڪنگراڻي هو. هُن سومار خان ڪنگراڻي جي گهر، ڳوٺ حاجي ماڻڪ خان ڪنگراڻي، تعلقي جوهي، ضلعي دادوءَ ۾ 26 مارچ 1978ع تي جنم ورتو. هن پرائمري تعليم پر واري ڳوٺ گل محمد گنب جي پرائمري اسڪول مان 1990ع ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهي مان 1995ع ۽ انٽر 1997ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جوهي منجهان ڪئي. بي.اي استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان حاصل ڪيائين.

ماڻڪ ڪنگراڻيءَ لکڻ جي شروعات 1993ع کان ڪهاڻيون لکڻ سان ڪئي. سندس پهرين ٻارن لاءِ ڪهاڻي "رمونءَ جي عيد" هئي. ان کان پوءِ ٻارن لاءِ ٽوڙي ٻيون ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري ڪيائين جيڪي روزاني اخبارن ٻين ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون. 1999ع ڌاري حيدرآباد مان صحافت جي شروعات ڪيائين. ان ئي دور ۾ ريڊيو تي 2003ع کان ڊراما لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس لکيل ڊراما ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تان نشر ٿيا، جڏهن ته سنڌي ۽ اردو ڊراما پاڪستان ٽيليوزن ڪراچي ۽ ڪي ٽي اين سميت سمورن نجي چينلن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا. سندس اردو ڊرامو "بدلتا هي رنگ" ۽ سنڌي ڊراما: ريشمي ڏور، اڌورو خواب، رڻ ۾ رات ٿري، ڪات، مياڻ، وياج، ڪوٽو سڪو ۽ اڪرپور، ذڪر لائق آهن.

صحافي طور روزاني ڪاوش، ڪوشش، سنڌو، امت، ڪي ٽي اين ڪراچي، ۽ ٻين اردو اخبارن ۾ رپورٽر، سب ايڊيٽر ۽ اسڪرپٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪري چڪو هو. پي ٽي وي سينٽر ڪراچي تان سندس آن ايئر سيريلس ۾ ريشمي ڏور، بي نشان، اردو ۾ بدلتا هي رنگ ۽ ٻيون شامل آهن.

ماڻڪ ڪنگراڻي جي ڇپيل ڪتابن ۾ "پڳت ڪبير جي شاعري، فن ۽ فلسفو" (2000ع)، "ردي پنا" (ڪهاڻيون) 2007ع ۽ "ستين آسمان جا فرشتا" (ڪهاڻيون) نومبر 2014ع ۾ شامل آهن.

ماڻڪ ڪنگراڻي 21 مارچ 2025ع تي دل جي دوري سبب ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ■

*(خالد چانڊيو ۽ سنڌ سلامت جي ٿورن سان)*

# ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جون ڪجهه يادگيريون ۽ سنڌ جي تاريخ

2011 ۾ سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ دوران جڏهن ٽيچرس هاسٽل جي سامهون ڪالونيءَ ۾ سنڌن بنگلي تي ملاقات ٿي ته، پراڻين ملاقاتن جي يادن جا سلسلا ٻيهر شروع ٿيا. جيڪي سنڌن رٽائرمينٽ (2014) تائين جاري رهيا. جڏهن به وٽن ووٽ وٺڻ لاءِ وڃبو هو ته. عام پروفيسر جيان روايتي شڪايتن يا مطالبن بدران تعليمي نظام ۾ سڌارن متعلق وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ ڪانئن سٺي رهنمائي حاصل ٿيندي هئي.



ڊاڪٽر اظهر علي شاهه

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سان منهنجي پهرين ملاقات ان وقت ٿي هئي، جڏهن نومبر 2000 ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اليڪٽرانڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر طور مقرري بعد منهنجي رهائش ٽيچرس هاسٽل تي ٿي هئي. سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس هاسٽل تي منهنجو ڪمرو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي، ڊاڪٽر قاسم سومرو ۽ ڊاڪٽر امداد بروهيءَ جي پرسان هوندو هئو. جيئن ته ٽيچرس هاسٽل تي اٽيچ باٿ روم جي سهولت نه هوندي هئي، تنهڪري صبح جو باٿ روم ۾ شيو دوران ڪچهريءَ ڪان وٺي، ميس ۾ ٽئي وقت ماني ڪائيندي ڪيترن ئي موضوعن تي ساڻن خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. اهڙي طرح سنڌن علمي ۽ ادبي بصيرت مان فيض حاصل ڪندا رهياسين.

جيتوڻيڪ 2003 ۾ منهنجي شادي ٿيڻ بعد هاسٽل ڇڏڻ ڪري ميل ميلاپ جو سلسلو منقطع ٿي ويو، پر 2011 ۾ سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ دوران جڏهن ٽيچرس هاسٽل جي سامهون ڪالونيءَ ۾ سنڌن بنگلي تي ملاقات ٿي ته، پراڻين ملاقاتن جي يادن جا سلسلا ٻيهر شروع ٿيا. جيڪي سنڌن رٽائرمينٽ (2014) تائين جاري رهيا. جڏهن به وٽن ووٽ وٺڻ لاءِ وڃبو هو ته. عام پروفيسر جيان روايتي شڪايتن يا مطالبن بدران تعليمي نظام ۾ سڌارن متعلق وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ ڪانئن سٺي رهنمائي حاصل ٿيندي هئي.

سنڌن رٽائرمينٽ بعد سنڌن فرزندن؛ سرفراز لاکي ۽ سعيد لاکي جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مقرري سان سنڌن خاندان جو سنڌ يونيورسٽيءَ سان تعلق وارو سلسلو جڙيل ئي رهيو.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي زندگي ۽ فڪر جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، 6 جولاءِ 1954ع تي دولتپور پرسان ڳوٺ مٺا خان جوکيو ۾ جنم وٺندڙ غلام محمد لاکي پنهنجي همنام غلام محمد گرامي جي اثر هيٺ نواب شاهه ڪاليج ۾ پڙهائي دوران لکڻ جي شروعات ڪندي سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انگريزي ادب ۾ ڪرڻ بعد تاريخ ۾ پڻ ايم اي جي سند حاصل ڪئي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ ليڪچرر طور مقرري بعد "ارڙهين صدي جي سنڌ" جي عنوان تي پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪري هن 2014ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي جنرل هسٽري ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر ۽ چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏيڻ سان گڏ سنڌ جي تاريخ سميت ٻين ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي موضوعن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏ ڪتاب لکڻ ۽ مقالن، مضمونن ۽ ترجمن جو تاريخي ڪم ڪيو. انهن ۾ سنڌ صدين ڪان، سنڌي ادب (ترجمو)، تاريخ جا سبق (ترجمو)، سمن جي سلطنت، دولهه دريا خان، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، مقالات راشدي (اردو)، ڪلهوڙا دور حڪومت، سنڌ جي سمن جي بادشاهي (انگريزي)، تاريخ معصومي، جديد سنڌ جي تاريخ_ ڪجهه جهلڪيون (انگريزي)، سنڌ جا مغل نواب، مشهور سنڌي ماڻهو، عرب دور، تذڪره مشائخ سيوستان، سنڌ_ ڪڇ لاڳاپا (ترجمو)، سنڌ شناسي ۽ ٻيا ڪتاب، مقالا ۽ مضمون شامل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن ڪان علاوه سنڌس دور ۾ سنڌي ادب ۾ خاص ڪري تاريخ جي موضوع تي ڇپيل اڪثر ڪتابن جي مهاڳن ۾ پڻ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو نالو ڪثرت سان ملي ٿو. تاريخ جي موضوع تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ منعقد ٿيندڙ ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ ٻين علمي ۽ ادبي پروگرامن ۾ سنڌن شرڪت ڪيس سنڌ يونيورسٽي جي ٻين همعصر پروفيسرن ڪان تمام بلند ۽ نروار بڻايو هو.

سنڌ يونيورسٽي جي تاريخ واري شعبي کي سنڌي سماج سان جوڙڻ ۾ پڻ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو تمام وڏو ڪردار آهي. ساڳي طرح سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌ جي اصل رهاڪن جي حڪمراني وارن دورن تان دز لاهڻ ۾ پڻ هن ڀرپور ڪم ڪيو آهي. سنڌس تحرير ڪيل ڪتابن جي عنوانن مان هڪ ڳالهه واضع ٿئي ٿي ته، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سنڌ جي اصلوڪن حڪمرانن خاص ڪري سمن جي دورِ حڪومت تي تمام گهڻي ۽ تمام گهرائي ۾ تحقيق ڪئي، جنهن سان ڪيترين ئي نئين حقيقتون سائنسي بنيادن تي ۽ غيرجانبدار طريقي سان سامهون آيون.

سمن جي اصل نسل بابت چوي ٿو ته، سمن جي نسل جو نج سنڌي هجڻ ۾ ڪو به شڪ نه آهي. سمن لاءِ "ڄام" جو لقب پڻ استعمال ٿيندو آهي ۽ ڪجهه عالم "ڄام" جو تعلق پڻ جمشيد بادشاهه سان جوڙين ٿا. پر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو تاريخي حوالن جي روشني ۾ لکي ٿو ته، "ڪاٺياواڙ جي راجا ڪرشن جي زال جاموتيءَ مان راجا سامبا ٿيو، جنهن سنڌ ۾ ميناننگر تي سمانگر نالو رکي انکي پنهنجو تختگاهه مقرر ڪيو. هيءَ سلطنت سنڌ _ سما سڏبي هئي. راجا سامبس جاموتيءَ مان هجڻ ڪري ڄام سنڌس لقب بڻيو. راجا سامبس اهو حڪمران آهي، جنهن 325 قبل مسيح ۾ سڪندر اعظم يوناني جي حملي وقت سيوهڻ ۽ دادو جي علائقن ۾ سنڌس مخالفت ڪئي هئي. راجا سامبس جو مرڪز سيوهڻ هو، جنهن کي يونانين "سنديمانا" سڏيو هو ۽ راجا سامبس ان ويڙهه ۾ قتل ٿي ويو هو، جڏهن ته سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن کي باهيون لڳايون ويون. راجا سامبس کانپوءِ هڪ هزار سالن جي تاريخ جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ نٿي ملي.

550ع ڪان 652ع تائين راءِ گهراڻي کي پڻ سمن جي قبيلي ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. راءِ گهراڻي جي دور ۾ جيڪي پرڳڻا موجود هئا، انهن ۾ برهمڻ آباد پڻ شامل هو، جيڪو سما قبيلي جو مرڪزي پرڳڻو سمجهو وڃي ٿو. راجا ڇچ جي سرڪار ۾ چنن، لاکن، سهتن ۽ سمن تي ڪارا قانون لاڳو ٿيا، جنهنڪري عربن جي حملي وقت هنن انهن جو ساٿ ڏنو. عربن جي ٽن صدين يعني 712 ڪان 1010 جي حڪومت دوران سمن جو ڪو خاص ذڪر نٿو ملي، پر سومرن جي ٽن صدين جي حڪمراني يعني 1350ع تائين سمن کي درٻار ۾ خاص حيثيت ملي ۽ هو لشڪر جي سربراهي ڪندا هئا.

سومرن کانپوءِ چوڏهين صديءَ ۾ سمن جي پهرئين حاڪم ڄام فيروز الدين انڙ ۽ سنڌس خاندان يعني انڙ قبيلي جي قديم لاڪاٽ پرڳڻي (سڪرنڊ ۽ دولتپور) ۾ موجودگي ۽ سنڌن سماٽ برادري جي سرداري حيثيت متعلق تمام تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪندي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ان دور جي سِڪن، وڻج واپار، معيشيت، اقتصاديات ۽ سفارتڪاري تعلقاتن جي پهلوئن تي تمام تفصيل سان لکيو آهي.

اسان جيڪي به قلمڪار ۽ ليکڪ آهيون، سي ان حقيقت ڪان واقف آهيون ته اسانجي لکڻين تي مثبت ۽ منفي تبصرا ۽ تجزيا ٿيندا رهندا آهن، ڇاڪاڻ ته ليکڪ ۽ پڙهندڙ جي سمجهه ۽ ادراڪ جا معيار مختلف ٿي سگهن ٿا. ڪجهه پڙهندڙ حقيقت پسند ٿيڻ بجاءِ پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي اجايا ۽ غيرمناسب اعتراض به اٿاريندا آهن، پر ليکڪ کي انهن اعتراضن کي پڙهندڙ جو ذهني خلل سمجهي انهن ۾ الجهڻ بجاءِ انهن کي درگذر ڪري اڳتي وڌڻو هوندو آهي. ان قسم جي ڳالهه ڪندي سائين غلام محمد لاکو پنهنجي ڪتاب "سمن جي سلطنت" جي ٻئي ڇاپي جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

"پهريون ڇاپو اڄ ڪان نو سال اڳ نڪتو هو. ان تي علمي تبصرا به ٿيا، واکاڻ ۽ تعريف به ٿي ته رايا ۽ تجويزون به پهتيون. هڪ اڌ همراهه کي ڪتاب پسند نه آيو ته، ان وري ڪجهه ٽڪرا ڪڍي، پنهنجي تشريح ڪري، ڪتاب جي افاديت کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي." سائين غلام محمد لاکي جي هن ڳالهه مان واضح ٿئي ٿو ته اصلاحي تنقيد مان ته علمي لاڀ حاصل ٿئي ٿو، تنهڪري انجي اهميت ۽ ضرورت ته آهي، پر ذاتي پسند جي بنياد تي ڪجهه اختلافي ٽڪرا ڪڍي ڪنهن به ليکڪ جي مڪمل تخليق جي افاديت کي رد ڪرڻ هڪ منفي عمل آهي، تنهن ڪري اهڙي نقاد جي ذهني پسماندگي تي افسوس ڪندي ڪيس درگذر ڪرڻ ئي مناسب ٿيندو آهي. ليکڪن ۽ قلمڪارن لاءِ هڪ ٻي اهم ڳالهه جيڪا سائين غلام محمد لاکي جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته، جڏهن اسين ڪتاب لکون ٿا ته، اهي ڪتاب ڄڻ اسانجو ذهني اولاد آهن ۽ جهڙي طرح شخصي اولاد جو اولاد ٿيندو رهي ٿو، اهڙي طرح ذهني اولاد جو پڻ اولاد ٿيندو رهي ٿو. ان قسم جي ڳالهه ڪندي سائين غلام محمد لاکو لکي ٿو ته، "سمن جي سلطنت" ڪتاب لکڻ ڪري سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي ان وقت جي سيڪريٽري ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ مونکي سمن جي دور جي عظيم سپهه سالار "دولهه دريا خان" تي مختصر ڪتاب لکڻ جو موقعو پڻ ڏنو."



سائين غلام محمد لاکي جي ان ڳالهه مان واضح ٿئي ٿو ته ڪهڙي طرح هڪ ذهني اولاد مان وڌيڪ ذهني اولاد جو تسلسل شروع ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ 3 مارچ 2025ع تي جسماني طرح ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جو وڇوڙو ٿيو، پر سنڌس ذهني ۽ ڪيل تحقيقي ڪم جو تسلسل سنڌ جي علمي ۽ ادبي ۽ خاص ڪري تاريخي ورثي ۾ جاري آهي ۽ جاري رهندو. ان قسم جي تسلسل کي بيان ڪندي جمن دربدر چيو ته:

وٺي هر هر جنم وربو مٺا مهراڻ ۾ ملبو،
ختم اونداهه ٿي ويندي چٽيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو.

وري ورندا ته وسڪارا وسي پوندا هي پٽ سارا
مارو ٿيندا ته موچارا مينهن مانڊاڻ ۾ ملبو. ■

## فرانسيسي ڪلاسيڪل ڪتاب ”پيپلون“

# زنده رهڻ لاءِ حوصلي جو بيان

هيءَ ڪهاڻي تمام بهترين، حيرت ڏياريندڙ ۽ وٽندڙ آهي، جيڪا نه صرف فرانس جي جيلن جي حقيقتن کان آگاهه ڪري ٿي، پر عزم، آزادي ۽ انساني همت جي شاندار عڪاسي پڻ ڪري ٿي. جيڪڏهن توهان سچي، مهمجوئي تي ٻڌل، ۽ جذباتي ڪهاڻيون پسند ڪندا آهيو، ته هي ڪلاسيڪل ناول ضرور پڙهڻ گهرجي. سنڌيءَ ۾ هن جو ترجمو يوسف سنڌيءَ ڪيو آهي.



صوفيه قريشي

”پيپلون“ (شيطاني ٻيٽ) هينري چٽريٽري، جنهن کي پيپلون (پوپٽ) چوندا هئا، جو ڪتاب آهي، جيڪو بنيادي طور هڪ آتم ڪٿا آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته، آتم ڪٿائي ناول آهي. هي ڪتاب فرانسيسي ٻوليءَ ۾ 1969ع ۾ لکيو ويو هو. هينري چٽريٽري کان پوءِ پيٽريڪ اوبرين نالي ليکڪ ان ڪتاب جو 1970 ۾ انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ۽ اسان وٽ اهو 2017 ۾ يوسف سنڌيءَ جو ترجمو ڪيل ۽ شايع ٿيل ڪتاب هڪ زبردست، سنسني خيز ۽ حقيقت تي ٻڌل ڪلاسيڪل ڪتاب جي طور پهتو.




هي ڪتاب پيرس جي رهندڙ هڪ ڏوهاريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو هينري چيريري خود آهي، جنهن کي ”پيپلون“ چوندا هئا. ان جي فرانسيسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ”پوپٽ“ آهي. هن ليکڪ يعني پيپلون کي هڪ ڪوڙي قتل جي الزام هيٺ فرانس جي جيل ۾ موڪليو ٿو وڃي، جيڪو ڏوهه هن ويچاري ڪيو ئي ڪونه هو. پيپليون پيرس جي ان دنيا جو ماڻهو هو، جتي هر قسم جو ڏوهه عام هو، يعني بدماشي، ٺڳي، غنده گردي، اسمگلنگ ۽ قتل وغيره.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ جيل مان پنهنجي فرار ٿيڻ جا قصا بيان ڪيا آهن. هي ڪتاب خاص طور تي فرانسي جيلن جي سختين، قيدين جي دردناڪ زندگي ۽ هڪ انسان جي خطرناڪ جيلن مان آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪوششن بابت آهي. هن ڪتاب جو بنياد، فرانس جي شروعاتي دور ۾ قائم هڪ خوفناڪ جيل تي آهي، جيڪو فرانس جي ساموندي ڪناري گيانا ۾ موجود هو. شروع ۾ هو مختلف جيلن ۾ رهيو، جتان هو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هو، پر هر دفعي پڪڙجي پوندو هو. جيل ۾ هن جو مقصد به هڪ ئي هوندو هو يعني فرار. نيٺ هن کي فرانس جي خطرناڪ ۽ موتمار جيل ۾ موڪليو ويو، انهيءَ جيل کي ”شيطاني ٻيٽ“ سڏيندا هئا، جتي فرانسيسي حڪومت سنگين ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن کي موڪليندي هئي. فرينچ گيانا، فرانس جو اهو علائقو هو، جيڪو نه صرف قيدين لاءِ انتهائي خطرناڪ هو، پر جتي جيل مان فرار ٿيڻ لڳ ڀڳ ناممڪن هو، ڇاڪاڻ ته ان جي چوڌاري خطرناڪ جهنگ، سمنڊ، ساموندي طوفان ۽ خوفناڪ جانور موجود هئا.

هن ڪتاب ۾ پيپلون فرانس جي جيلن ۾ ٿيندڙ ناانصافين جي چٽو ڪري ٿو، جتي قيدين کي مارڪٽ، اذيتون ۽ سخت سزائون ڏنيون وينديون هيون. ڪيترائي قيدي جيل ۾ صفائي نه هئڻ ڪري مليريا، ڊائريا ۽ ٻين موذي بيمارين سبب مري ويندا هئا ۽ ڪين ڪير پڇڻ به نه ايندو هو. قيدين کان زبردستي پورهيو يعني جهنگ ۾، ٻيلن ۾ ڪاٺ وڍڻ، روڊ ٺاهڻ ۽ ٻين سخت جسماني ڪمن لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو ۽ فرار ٿيڻ يا قاعدن جي خلاف وڃڻ تي قيدين کي ساهه ٻوساٽيندڙ، اونداهي ۽ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ سالن تائين بند رکيو ويندو هو. جيل وارن کي به ان ڳالهه جي پرواهه نه هوندي هئي ته قيدي بچيو يا مئو.


هينري چٽريٽري

هي ڪتاب ان دور جي جيلن جي حالتن جي عڪاسي ڪندڙ آهي. هي ڪتاب ليکڪ جي ذاتي تجربن، فرار جي ڪوششن، ۽ زنده رهڻ لاءِ سندس حوصلي جو بيان آهي.

جيتوڻيڪ هو پاڻ بيگناه هوندو آهي ۽ پاڻ کي بيگناهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي، پر ڪيس موت جي سزا ملیل هوندي آهي، جيڪا بعد ۾ عمر قيد ۾ تبديل ٿيندي آهي. جيل جي سختين جو شڪار ٿيندي هو پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف رستا ڳوليندو آهي. بار بار پڪڙجڻ کان پوءِ به هو حوصلو نه ٿو هاري ۽ آزاديءَ لاءِ منصوبابندي ڪندو رهي ٿو. پهرين فرار جي ڪوشش هن 1933ع ڌاري پنهنجي جيل جي ويجهن دوستن: ڪلوٽ ۽ آندري ماتيور سان گڏ ٻيڙيءَ تي فرار ٿي ڪئي، پر هن کي اتان جي رهندڙ ماڻهن کان ڌوڪو مليو ٿو، جنهن ڪري ٻيهر گرفتار ٿين ٿا. هن کي الڳ سيل ۾ 2 سال تائين رکيو وڃي ٿو.

ٻئي فرار جي ڪوشش ڪرڻ مهل مرسيو پيپلون هڪ نئين قيديءَ سان ملي ٿو، جيڪو کيس نئون منصوبو ڏيڻ ۾ مدد ڪندو آهي. هو هڪ ٻيڙيءَ تي ويهندو آهي ۽ ونزوئيلا طرف وڃندو آهي، پر ساموندي طوفان ۽ ڪاڏي جي ڪوٽ سبب فرار ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو. کيس ٻيهر فرانسيسي اختيارين حوالي ڪيو وڃي ٿو ۽ کيس ٻيهر قيد ڪيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ موسيو پيپلون کي سزا طور ڊيول آئليند موڪليو وڃي ٿو، جتان فرار ٿيڻ ناممڪن آهي، پر موسيو پيپلون پنهنجا منصوبا ٺاهن جاري رکي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي تمام بهترين، حيرت ڏياريندڙ ۽ وٽندڙ آهي، جيڪا نه صرف فرانس جي جيلن جي حقيقتن کان آگاهه ڪري ٿي، پر عزم، آزادي ۽ انساني همت جي شاندار عڪاسي پڻ ڪري ٿي. جيڪڏهن توهان سچي، مهمجوئي تي ٻڌل، ۽ جذباتي ڪهاڻيون پسند ڪندا آهيو، ته هي ڪلاسيڪل ناول ضرور پڙهڻ گهرجي. ■

## ”ڇوڪريون پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار رکن“

# پاڻ سان گڏ هٿيار رکندڙ اداڪاره اريج چوڌري



اڳوڻي ”مس پاڪستان،“ ماڊل ۽ اداڪاره اريج چوڌريءَ جو چوڻ آهي ته، پاڪستان ۾ خاص طور تي عورتن خلاف واقعا روزانو ٿين ٿا، تنهن ڪري ڇوڪرين کي پاڻ سان گڏ هٿيار رکڻ گهرجن. هن تازو ”ايف ايچ ايم“ پوڊ ڪاسٽ تي ڳالهائيندي چيو ته، هوءَ اٽڪل هر قسم جا هٿيار استعمال ڪرڻ ڄاڻي ٿي ۽ هٿيار استعمال ڪرڻ جي باقاعده تربيت حاصل ڪئي اٿائين. سندس چوڻ موجب، کيس ننڍپڻ کان ئي شوٽنگ ۽ هٿيار رکڻ جو شوق هو، تنهن ڪري هن شوٽنگ جي باضابطه تربيت حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ هن پنهنجي حفاظت لاءِ هٿيار پاڻ سان گڏ کڻڻ شروع ڪيا.

اريج چوڌريءَ جو چوڻ آهي ته هن وٽ هميشه هٿيار هوندا آهن، ۽ سندس ڪار ۽ پرس ۾ لائسنس يافته هٿيار آهن. ماڊل ۽ اداڪاره وڌيڪ چيو ته، هن هڪ ڀيرو پنهنجي اغوا جي مبينا ڪوشش کي ناڪام بڻايو هو، ڇاڪاڻ جو وٽس هٿيار هئو. سندس چوڻ هو ته ملڪ ۾ عورتن سان هر روز ڪجهه نه ڪجهه ٿئي ٿو، اهڙي صورتحال ۾ عورتن کي پاڻ کي بچائڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا.

اريج چوڌريءَ مطابق، ڪيتريون ئي مجبور ڇوڪريون رات جو دير تائين ڪم ڪنديون آهن ته جيئن پنهنجن گهرن ۽ خاندانن جي مدد ڪري سگهن. انهن وٽ پنهنجي گهر تائين پهچڻ لاءِ محفوظ سواري به ناهي هوندي. اهڙي صورتحال ۾ ڇوڪرين کي پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار رکڻ گهرجن.

هن ان تاثر کي رد ڪيو ته جيڪڏهن ڇوڪرين وٽ هٿيار هوندو ته اهي جذباتي ٿي وينديون ۽ ان کي غير ضروري طور استعمال ڪنديون. اريج چوڌري موجب، هٿيار ڪڏهن ۽ ڪيئن استعمال ڪجي، اهو هر ڪنهن جي ذاتي سوچ ۽ شخصيت تي منحصر آهي. اهو مڃيو ويندو آهي ته، جيڪڏهن ڇوڪرين وٽ هٿيار آهي ته اهي ان کي هرورو استعمال ڪنديون. هن عورتن کي صلاح ڏني ته، اهي نه رڳو هٿيار استعمال ڪرڻ سکن، پر انهن کي پنهنجي حفاظت لاءِ پاڻ سان هٿيار به رکڻ گهرجي.

هن هڪ ٻئي انٽرويو ۾ اهو به چيو هو ته شوبز انڊسٽريءَ ۾ 80 سيڪڙو ماڻهو خراب ۽ رڳو 20 سيڪڙو ماڻهو چڱا آهن. ■

# ٻارن کي چيو ٿو وڃي، ”درسي ڪتاب ڪونهن: انٽرنيٽ تان پي ڊي ايف ڪڍو“

هاڻي ته مختلف مسئلن ۽ بهانن سبب شاگردن کي درسي ڪتاب به وقت سِر نٿا ملن. هاڻي ته انهن جي ڇپائي کي به گهٽايو ويو آهي ۽ اِهو چيو ٿو وڃي ته اڳ ۾ شاگردن وٽ جيڪي ڪتاب موجود آهن، سي واپس وٺي نوَن شاگردن کي ڏيو يا وري پي ڊي ايف ۾ ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري ڪم هلايو. ڇپائي تي خرچ گهٽو ٿو ٿئي.



سرمد ڪوسو

ڪتابن جو مطالعو هر ماڻهوءَ لاءِ اهم آهي، پر جيئن ته ٻار، شاگرد هوندي سِکڻ ۽ سمجهڻ جي ابتدائي مرحلي ۾ هوندو آهي، تنهنڪري شاگردن لاءِ ڪتاب بيحد اهم رهنما جو ڪردار ادا ڪن ٿا. ڪتابن جو مطالعو هڪ ئي وقت شاگرد کي تمام گهڻيون شيون سيکاري ٿو، جيئن مختلف ٻوليون سِکڻ، لفظن جو ذخيرو، لکڻ لاءِ مواد ۽ نوان خيال، ڪنهن ڪم تي ڌيان ڏيڻ، رابطي جي صلاحيتن ۾ اضافو، تصوراتي ۽ تنقيدي سوچ ۾ واڌارو، پريشاني مان نجات ۽ حافظي ۾ اضافو وغيره شامل آهن.

دنيا جي ترقي ڪيل سماجن ۾ ڪتابن کي تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي. اُتي وڏيون وڏيون لائبريريون موجود آهن. ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ۾ اڳڀرا ملڪ توڙي شخص به ڪاغذ تي شايع ٿيل ڪتابن کي ترجيح ڏين ٿا. اسان جڏهن اِن پسمنظر ۾ پنهنجي سماج تي نظر وجهون ٿا ته افسوس ٿو ٿئي. مون، اِهو مشاهدو ڪيو آهي ته: اسان وٽ هٿ وٺي مختلف طريقن سان شاگردن ۽ ٻارن کان ويندي عام پڙهندڙ تائين، کي ڪتابن کان پري رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جيئن جسم لاءِ ورزش ضروري هوندي آهي، تيئن ذهن جي ورزش لاءِ مطالعو بيحد ضروري هوندو آهي. اسان وٽ ڪجهه وڏن شهرن کي ڇڏي، باقي ننڍن شهرن مان ڪُتب خانن کي هٿ وٺي ختم ڪيو ويو آهي. هاڻي ته جدت ۽ مصنوعي ذهانت جي نالي ۾ شاگردن ۽ ٻارڙن سان اِهو ظلم ٿيو آهي جو ڪين اِهو سمجهايو ٿو وڃي ته، ”بابا سڀڪجهه موبائيل فون ۾ پيو آهي، ڪتابن ۾ ڇا آهي؟! يا وري هاڻي اِهو به عام ٿي ويو آهي ته ڪتاب آن لائن يا پي ڊي ايف فارميٽ ۾ به موجود آهن، اُتان پڙهي وٺبا. پر مون اهو مشاهدو ڪيو آهي ته پي ڊي ايف فارميٽ تي به اسان وٽ مطالعو نه هجڻ برابر آهي.

هاڻي ته مختلف مسئلن ۽ بهانن سبب شاگردن کي درسي ڪتاب به وقت سِر نٿا ملن. هاڻي ته انهن جي ڇپائي کي به گهٽايو ويو آهي ۽ اِهو چيو ٿو وڃي ته اڳ ۾ شاگردن وٽ جيڪي ڪتاب موجود آهن، سي واپس وٺي نوَن شاگردن کي ڏيو يا وري پي ڊي ايف ۾ ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري ڪم هلايو. ڇپائي تي خرچ گهٽو ٿو ٿئي. منهنجي خيال ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي عمل جو بنياد آهي، جيڪو شاگرد وٽ لازمي هئڻ گهرجي. ٻيو ته ڪتاب ته ريفرنس لاءِ ڪنهن وقت به شاگرد کي کپي سگهي ٿو، پوءِ هُو اُهو ڪتاب ڪٿان آڻيندو؟ کوٽ جي صورت ۾ اِهو ڪتاب بازار مان بڪ اسٽال تان به نه ملندو آهي. پرائمري ۽ سيڪنڊري درجن جو ٻار جيڪڏهن ڪتابن جي بهاني سان موبائيل فون هر وقت ڪلاس توڙي گهر ۾ استعمال ڪرڻ لڳو ته ان جا ڪيترا خراب نتيجا نڪرندا، اُن تي به سوچڻ جي ضرورت آهي. اڪثر اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به لائبريريون غير فعال آهن. مطلب ته مطالعي جي ماحول کي هٿ سان تباهه ڪيو ويو آهي.

گهرن توڙي تعليمي ادارن ۾ پڙهائي جي بهاني هر وقت موبائيل جو استعمال ٻارن کي ڪيڏانهن وٺي ويندو؟ اِهو گهٽ ۾ گهٽ اسانجي سماج ۾ وڏو سوال آهي. اسان وٽ ٻهراڙين ۾ ٻين بنيادي سهولتن سان گڏ بجلي ۽ نيٽورڪ وغيره جا مسئلا به عروج تي آهن. اهڙي صورت ۾ اِهي شيون هڪ غريب ٻار يا ان جي والدين لاءِ ڪيئن ممڪن ٿينديون، جيڪي پنهنجي اولاد لاءِ ڪو بوٽ ۽ ڪپڙن جو وڳو به مشڪل سان ٺا وٺن. ٻيو ته هر شئي موبائيل ۾ هجڻ واري مفروضي سبب ڪافي ڪارائتيون شيون اُٽلي تي ويون آهن يا ٿينديون پيون وڃن، جيئن ڪجهه ڏينهن پهرين مون ڪجهه ريفرنس بڪ وٺڻ لاءِ حيدرآباد جي ڪافي وڏن وڏن بڪ اسٽالن کي ڏٺو ته، اُتي ڪي خاص موچارا ڪتاب نه پئي مليا. پُڇڻ تي جواب مليو ته، ”سائين هاڻي ته هر شئي موبائيل فون ۾ انٽرنيٽ ذريعي ملي وڃي ٿي، ڪتابن ڪير ٿو پڙهي؟“ آئون خاموشيءَ سان پُور پڇائيندو هليو آيس. ايئن ئي اخبارن مان ٻارڙن جي صفحن جو ختم ٿيڻ ۽ ٻارڙن لاءِ سرجندڙ ادب طرف گهٽ توجهه به، وڏا سبب آهن، جيڪي ٻارڙن کي مطالعي کان پري پيا ڪن.

باقي اسان وٽ درسي ڪتابن جو معيار ڪهڙو آهي؟ اِهو وري الڳ بحث آهي، پر درسي ڪتابن جي کوٽ، وقتائتي ڇپائي نه ٿيڻ، اسڪولن تائين دير سان پُهچڻ يا وري اِهو چوڻ ته هاڻي ڇپائي تي خرچ جام ٿو ٿئي، ان ڪري انٽرنيٽ تان پڙهو... ته اهي سڀ اُهي ڳالهيون آهن، جيڪي ٻارڙن کي ڪتابن کان پري پيون ڪن، جيڪو سُٺو سئوڻ ناهي. ■










# وٽامن ڊي جي کوٽِ بيمارين کي سڏي ٿي



الطاف ابڙو

وٽامن ڊي جسم لاءِ هڪ اهم غذائي جزو آهي، جيڪو صحتمند هڏين، مدافعتي نظام جي مضبوطي، ۽ مجموعي جسماني بهتريءَ لاءِ ضروري آهي. هيءَ وٽامن خاص طور تي سج جي روشنيءَ سان چمڙيءَ ۾ پيدا ٿيندي آهي، پر اها کاڌي ۽ سپليمنٽس ذريعي به حاصل ڪري سگهجي ٿي. وٽامن ڊيءَ جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته، اها جسم ۾ ڪئلشيم ۽ فاسفورس جي جذب کي وڌائي ٿي، جيڪو هڏين جي طاقت لاءِ انتهائي ضروري آهي. ان سان گڏ، هيءَ وٽامن مدافعتي نظام جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائي ٿي، جنهن سان جسم مختلف بيمارين کان محفوظ رهي ٿو.

وٽامن ڊي جي کوٽ صحت جي ڪيترن ئي مسئلن جو سبب بڻجي سگهي ٿي. خاص طور تي اها هڏين جي ڪمزور ٿيڻ جو بنيادي ڪارڻ بڻجي سگهي ٿي، جنهن جو نتيجو ٻارن ۾ رڪيٽس (Rickets) ۽ بالغن ۾ اوسٽيومالشيا (Osteomalacia) جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. رڪيٽس ٻارن ۾ هڏين جي نرم ٿيڻ ۽ غلط شڪل اختيار ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي، جڏهن ته بالغن ۾ اوسٽيومالشيا سبب هڏيون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون، جنهن سان سور ۽ فريڪچر جو خطرو وڌي ويندو آهي. ان کان علاوه وٽامن ڊي جي کوٽ آسٽيوپروسيز (Osteoporosis) جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿي، جيڪا خاص طور تي وڏي عمر جي ماڻهن ۾ عام آهي.

وٽامن ڊي جي کوٽ نه رڳو هڏين تي اثرانداز ٿيندي آهي، پر اها مجموعي جسماني ۽ ذهني صحت تي به منفي اثر وجهي سگهي ٿي. هڪ تحقيق موجب وٽامن ڊيءَ جي کوٽ ڊپريشن ۽ مزاج جي خرابين جو به سبب بڻجي سگهي ٿي. ان کان علاوه تحقيق اهو به ظاهر ڪيو آهي ته، وٽامن ڊي جي کوٽ مدافعتي نظام کي ڪمزور ڪري سگهي ٿي، جنهن سان جسم مختلف انفيڪشنز جيئن زڪام، فلو ۽ ٻين وائرل بيمارين لاءِ وڌيڪ حساس ٿي وڃي ٿو.

دل جي صحت تي به وٽامن ڊي جو اثر واضح طور تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جي کوٽ سان بلڊ پريشر وڌڻ جو خدشو پيدا ٿي پوندو آهي، جيڪو دل جي بيمارين جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ڪجهه تحقيقات اهو به ظاهر ڪن ٿيون ته وٽامن ڊي جي گهٽ سطح سان ذيابيطس ۽ ٿولهه جو تعلق پڻ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته اها انسولين جي ڪارڪردگي تي اثرانداز ٿيندي آهي.

مدافعتي نظام جي ڪمزوريءَ سان گڏ وٽامن ڊي جي کوٽ آٽواميون بيمارين جهڙوڪ ملٽيپل اسڪليروسز (Multiple Sclerosis) ۽ رميٽائڊ آرٿرائٽس (Rheumatoid Arthritis) جي واڌاري سان به جُڙيل آهي. ان سان گڏ ڪجهه تحقيقن موجب اهڙي کوٽ ڪينسر جي ڪجهه قسمن جي خطري کي به وڌائي سگهي ٿي، خاص طور تي وڏي آنڊي، ڇاتي ۽ پروسٽيٽ ڪينسر جي خدشي کي وڌائڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿي.

ڇاڪاڻ ته وٽامن ڊي جو هڪ اهم ذريعو سج جي روشني/ اُس آهي، تنهن ڪري اهڙا علائقا جتي گهڻي وقت تائين موسم ٿڌي يا بادلن واري رهندي آهي، اتان جا رهواسي وٽامن ڊي جي کوٽ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. ان کان علاوه جن ماڻهن جي چمڙيءَ جو رنگ وڌيڪ ڳاڙهو هوندو آهي، انهن ۾ به وٽامن ڊي پيدا ٿيڻ جي صلاحيت گهٽ هوندي آهي. ساڳئي طرح جن ماڻهن جي طرزِ زندگي اهڙي هوندو آهي، جو هو گهڻو ڪري بند جڳهين ۾ رهندا آهن، ته انهن ۾ به وٽامن ڊي جي کوٽ جو خدشو وڌي ويندو آهي.

وٽامن ڊي جي کوٽ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته صحتمند غذا استعمال ڪجي، جنهن ۾ وٽامن ڊي سان ڀرپور کاڌا جهڙوڪ مڇي، آنن جي زردي، کير، مکڻ ۽ وٽامن ڊي سان ڀرپور ٻي خوراڪ شامل هجي. جيڪڏهن فطري ذريعن مان مناسب مقدار ۾ وٽامن ڊي حاصل نه ٿي سگهي ته ڊاڪٽر جي صلاح سان سپليمينٽس وٺڻ به فائديمند ٿي سگهي ٿو. ان کان علاوه مناسب مقدار ۾ سج جي روشني حاصل ڪرڻ به اهم آهي، خاص طور تي صبح جي وقت ڪجهه منٽن تائين سڌي سج جي روشنيءَ ۾ رهڻ سان جسم وٽامن ڊي پيدا ڪرڻ جي قابل ٿي ويندو آهي. ■






# هُو...

**جڏهن سون جو تولو ٽي کان ساڍا ٽي هزار رپيا هئو ته، اسين پندرهن سئو جا ڪتاب وٺندا هئاسين. ڪجهه ادارن جي ڪتابن جي قيمت ته باٽا ۽ سروس جي جوتن وانگر نوانوي رپيا فڪس هوندي هئي. هو اڪثر چوندو آهي، ”يار، جيڪڏهن پاڻ انهن ڪتابن جي جاءِ تي سون وٺون ها ته......؟“ بس پوءِ هڪ ٻئي کي ڏسي چپ ٿي ويندا آهيون.**



آصف جمالي

آئون رستي تي وينو آهيان. ڪجهه نظرون چورائي نڪري ويندا آهن. ڪجهه هڪ وڏو ڦيرو ڪري رستو بدلائي ويندا آهن. ائين به ناهي ته انهن کي مون سان نظر ملائڻ جي سگهه ناهي، پر هو پنهنجو پاڻ سان به ڪوڙ ڳالهائيندا آهن. پنهنجي سفيد وارن کان به خوفزده ٿي خضاب ڪندا آهن، پر هي ائين نه ڪندو آهي. ايندي ويندي سلام دعا ڪري اڳيان نڪري ويندو آهي. جَي ٽائيم هوندو اٿس ته پوءِ ويهي رهندو آهي. خبر ناهي ڪٿان ڪان ڪتاب ڪوٺي ڪڍي ايندو آهي. پوءِ انهيءَ ڪتاب ۽ ليکڪ متعلق ٻڌائيندو آهي، پر ڪچهري ڪندي مونکي هميشه لکڻ کان روڪيندو آهي. شاعري ته هر ڪنهن کي ياد ٿي ويندي آهي، پر هي نثر کي اهڙي نموني گهرائيءَ سان پڙهندو آهي، جو اهو به ياد ٿي ويندو اٿس. اسان جو دوست عاشق علي خواجا به ائين هو، جنهن جو ذڪر مون ڪيئي ڀيرا ڪيو آهي.

هن کي غازي صلاح الدين جي ”ایک محبت کی کهانی“ لفظ به لفظ ياد هئي. منهنجي هن دوست کي طارق عالم جو ناول ”رهجي ويل منظر“ به ياد ٿي ويو هو. شايد ”رهجي ويل منظر“ ان دور ۾ آيو هو، جڏهن اسين ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين، يا ڪاليج کي خيرآباد چئي چڪا هئاسين. اها عمر جي تقاضا هئي، هر محبت جي ڪهاڻي پنهنجي محسوس ٿيندي آهي. پر وقت گذرڻ سان سڀ ڪجهه بدلجي ويندو آهي. مونکي خبر آهي ته هاڻي اهو ناول به هن جي پسند جي ناولن ۾ شامل ناهي، پر آئون ان ڏينهن حيران ٿي ويو هئس، جنهن ڏينهن هڪ نوجوان شاعرُ مون وٽ وينو هو، جڏهن هُن پنهنجي پسند جي ڪتابن ۾ ”رهجي ويل منظر“ جو ذڪر ڪيو ته، هِن اهو ناول ڪيس ياد ٻڌائي حيران ڪري ڇڏيو.

هن جي يادداشت ايتري تيز آهي.

مون کي اهڙيون ڪيئي ڳالهيون ياد ڏياريندو آهي، جڏهن بدين_حيدرآباد ريلوي ٽريڪ تي گاڏيون هلنديون هيون ۽ اسان جون شامون پليٽ فارم تي گذرنديون هيون. هڪ ڀيري رات جا نوَ ٿيا هئا. اسٽيشن تي ويٺا هئاسين. اوچتو خيال آيو. گاڏي آئي ته، چڙهي پياسين. وڃي لاڙ ميلي تي نڪتاسين. ڪيسي ۾ پئسو ٻاهران ميلو گهمڻ جيترو به نه هو، پر پوءِ به پنهنجي پسند جو هڪ اڌ ڪتاب ورتوسين. ڪيسا خالي ٿي ويا، پر هڪ وهم هو ضرور، ڪنهن جي ابداڻي ۾ ڪو لڪل نوٽ ضرور هوندو. پر ائين نه هو. بس اهو هڪ ڏِڍ هو. ڪجهه دوست اهڙي چالاڪي ڪندا هئا. انهيءَ ڏِڍ تي سڄو ميلو گهمياسين. اتي سليمان پناڻ جي تصويرن جي نمائش به هئي. وزيٽرس نوٽبڪ تي مون جيڪو نوٽ هنيو، اهو پڙهي سڀ ٽهڪ ڏيئي کليا. مون ڇا لکيو هو، مونکي ياد نه رهيو هو، پر هن ياد ڏياريو ته، ”دل چوي ٿي سڀ تصويرون خريد ڪري وٺان. پر ڪيسي ۾ واپسيءَ جو ڀاڙو به ناهي.“

واقعي ائين صبح تائين رلندا رهياسين. وري ٽرين ۾ بنا ڀاڙي واپسي ٿي. ڪتابن جي باري ۾ زندگي جو اهو اصول رهيو ته هميشه به ڪتاب وٺندا هئاسين، ته هڪڙو ڪتاب ڪيئن به ڪري چورائي وٺندا هئاسين. اهڙي نموني جهڙو اهو اسان جو حق هجي. ائين به ٿي سگهي ٿو، ڪڏهن ڪتاب ڪٽندي اسٽال وارن ڏسي به ورتو هجي، پر انهن شريفاڻي ڇهري جو لحاظ رکيو هوندو. اهو اٺويهه سئو نوي کان پنجانوي تائين جو دور هو. يونيورسل، ڪريمي فضلي ڪجهه ڳاڏن وارن کي به بخش نه ڪيوسين. پر هڪ ڳالهه هئي، جيڪو ڪتاب نه وٺندو هو، ٻئي ڏينهن اهو ڪتاب ايمانداريءَ سان ساڳئي جاءِ تي ڇڏي ايندا هئاسين. بس هڪ جنون هو. ڪتاب خريد ڪري نه صرف پڙهندا هئاسين، پر دوستن کي ڏيندي خوشي ٿيندي هئي.

جڏهن سون جو تولو ٽي کان ساڍا ٽي هزار رپيا هئو ته، اسين پندرهن سئو جا ڪتاب وٺندا هئاسين. ڪجهه ادارن جي ڪتابن جي قيمت ته باٽا ۽ سروس جي جوتن وانگر نوانوي رپيا فڪس هوندي هئي. هو اڪثر چوندو آهي، ”يار، جيڪڏهن پاڻ انهن ڪتابن جي جاءِ تي سون وٺون ها ته......؟“ بس پوءِ هڪ ٻئي کي ڏسي چپ ٿي ويندا آهيون.

ڪجهه ڏينهن ٿيندا ته اخلاق انصاريءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ”رڃ ۾ رابيل“ ڪٺي آيو. چيائين، ”ڪهاڻي ’ڏکهي سفر جي آخري منزل‘ تو حيدرآباد ريلوي پليٽ فارم تي مون کي پڙهي ٻڌائي هئي. مون ذهن تي زور ڏنو، ياد نه آيو. بس ايترو ياد آيو ته، هي به انهن ڪتابن ۾ شامل آهي، جيڪو وٺي دوستن کي ڏيئي ڇڏيندا هئاسين. ڪتابن جي قيمت معقول هئي. ڪتاب اسٽالن تي دستياب هوندو هو، پر ڪجهه ڪتاب اهڙا به هئا، جيڪي دوستن کي ڏيڻ ڪانپوءِ وري ڪنهن اسٽال تي ڏسڻ ۾ نه آيا. پوءِ ڏک ٿيندو هو.

ڪتاب هٿن مان ويو.

هينئر جڏهن مون هِن کي مصطفيٰ ارباب جي نظمن جو ڪتاب ڏنو ته، ڪتاب کولي هن هر نظم ائين پڙهيو جو سندس دل مان آه نڪري رهي هئي. اهو ته ان درد جو ڪمال هو، جيڪو هن ڪتاب جي نظمن ۾ سمويل آهي_ ۽ وچ ۾ ويهي هن نظمن متعلق ڳالهايو به پئي:

چيائين، ”يار اڄ اهو ڪتاب آءٌ ڪٺي ٿو وڃان...“

مون چيو، ”ڀلي ڪٺي وڃو...“

پر اوچتو هن ڪتاب ٽيبل تي رکندي چيو، ”نه، آءٌ اهو ڪتاب نٿو ڪٺان...“

هو ڪافي نظم پڙهي چڪو هو.

مونکي حيرت ٿي. هن اهو ڇا پڙهيو جو پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيائين.

مون هن کان پڇيو، ”يار اوچتو توکي اهو ڇا ٿي ويو؟“

چيائين، ”مصطفيٰ ارباب؛ ارباب ذيشان ساحل جي ويجهو ۽ متاثر هو. ذيشان جي زندگي جي وهيل چيئر هن جي گهر ۾ اچي وئي.“

هن جي ڳالهه ٻڌي آءٌ ماٺ ٿي ويس.

دل ۾ سوچيم، ”اسان ماڻهن جي عجيب دنيا آهي.“

چيائين، ”تون اها ڳالهه نه سمجهندين.“

مصطفيٰ جا اهي نظم ايترا پراثر ۽ متاثر ڪندڙ آهن جو پڙهندي ڊپ ٿو ٿئي يار“....!

پر هي مون کي هميشه لکڻ کان روڪيندو آهي. چوندو آهي ته، ”اسين جيڪو لکندا آهيون، اهو اسان جي زندگي ۾ ٿيندو آهي.“

”يار ڪهڙي ضرورت هئي تو کي اهو لکڻ جي ته :

’دنيا آءِ سي يو آهي،

آءٌ نظمن جي وينٽي ليشن تي زنده آهيان.‘

ڪتاب قبرستان آهي...“

آئون اهڙين ڪيترن تخليقن کي ياد ڪري سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو آهيان.

۽ هن سان به هڪ اهڙو حادثو ٿيو.

پوءِ قلم هن جي هٿن مان ڇڏائجي ويو... يا آخري نظم لکي هن پنهنجي قلم جي نب ڀڃي ڇڏي.■




## غزل



نصير سومرو

جهان وڻ جي مثال گهر ۾
پکي پکي جو عيال گهر ۾

هوا ۾ ڪلهه هو چندول اُڏندو
واڊوڙي هِردو نڊال گهر ۾

اُداس آهيون نِراس ناهيون
طبع ۾ ساڳيا ديال گهر ۾

وڙهي وڙهي جو ڪٽيو هارايو
عروج گهر ۾ زوال گهر ۾

جوابَ هڙ ۾ ڳوليون ٿا ٻاهر
لڄي لڄي هر سوال گهر ۾

سنڌو ۾ جيوت جو ساهه لهرون
پاڻي آئندو ۽ حال گهر ۾.

## غزل



گهايل لغاري

نديءَ ۾ اڄ گهڙي آئي آ
اکين ۾ رڃ گهڙي آئي آ

خوشيءَ لئه تاڪ کوليو هو
ڏکن جي ڄڄ گهڙي آئي آ

ٽيا لهجا به لوٽياٽا
دلين ۾ سڄ گهڙي آئي آ

سنائي پاڻ پالي تو
بديءَ ۾ ڀڄ گهڙي آئي آ

سنڌوءَ جي قطري قطري ۾
امان جي ٽڄ گهڙي آئي آ

# ڪتاب: ڪجھ شاعريءَ جي باري ۾ (اڀياس) —سهيڙيندڙ: ستار سندر

# سراج جوکيي جي شاعريءَ جو اڀياس



مختيار جمالي




نالي واري شاعر ستار سندر جو سهيڙيل هيءُ ڪتاب پلوڙ شاعر ۽ شعري مجموعي"اکڙيون نينهن نديون"جي خالق سراج جوکيي جي شاعريءَ بابت آهي، جيڪو ادبي سنگت شاخ نواب شاهه شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ناميارا اديب ڊاڪٽر اظهر علي شاهه، ڊاڪٽر ثميني واحد، انور ساگر ڪانڌڙي، معشوق ڌاريجي، پريم پتافي، دليپ ڪوٺاري، امداد رند، خالد راڄپر، منظور گل، ساگر بلاول، اسير ڏاهري، وقار حيدر ڏهر ۽ ٻين جا، شاعر سراج جوکئي جي تخليقي پورهئي بابت ليک ڏنل آهن، جن وسيلي هنن ڪيس ڀيٽا به پيش ڪئي آهي.

ڪتاب ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه جي سيڪريٽري، شاعر ۽ ليک بخشل باغيءَ اداري پاران "شاعريءَ جي عشق ۾" جي عنوان سان پنهنجي راءِ لکي آهي،ڪتاب جي سهيڙيندڙ ستار سندر"قومي جذبن سان سرشار" جي عنوان سان پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن ۽ شاعر سراج جوکيي پنهنجي پاران "زندگيءَ جو سفر" لکيو آهي.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڪتاب ۾ شامل ليکڪن جو مختصر تعارف پڻ ڏنو ويو آهي، ۽ آخري پنن تي سراج جوکيي جي شاعريءَ جي مجموعي"اکڙيون نينهن نديون"جي مهورتي تقريب جو اکين ڏٺو احوال رنگين تصويرن سان ڏنل آهي.

هيءُ ڪتاب سنڌ جي ناليوارن ليکڪن ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ نواب شاهه جي وڇڙي ويل ساٿين: "معصوم هالائي، چنا گُل محمد، بَردو سنڌي، مُنير احمد ماڪ، قاضي فيض محمد، منظور حُسين قريشي، پير ضياءُ خياروي، الحاج رحيم بخش قمر، الطاف عباسي، نُور عباسي، نظر سنڌي، مير عبدالرسول مير، اُستاد صالح بلو، نور احمد چنڙ، سَڄڻ سنڌي،روشن ڪلهوڙي، منظور ميراڻي، بشير احمد ٻُگهيي، مير منظور راڄپر کي ارپيو ويو آهي.

سنڌ جي ناليواري آرٽسٽ ۽ شاعر مُنور ابڙي جي، سراج جوکيي کي مَنظوم ڀيٽا پڻ هن ڪتاب جو حصو آهي. 112صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جو مُلهه500 آهي. ■

## جاپاني نباتات جي ماهر ڊاڪٽر اڪيرا مياواڪي پاران پيش ڪيل مياواڪي طريقو تيزءَ گهاٽن ٻيلن جي واڌ کي فروغ ڏئي ٿو. هن ٽيڪنڪ تحت وڻن کي 10 ڀيرا تيز ۽ 30 ڀيرا وڌيڪ گهاٽو وڌائي سگهجي ٿو.

# سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مياواڪي ٻيلو



موجوده دور ۾ سڄي دنيا ماحولياتي تبديليءَ سبب بيشمار مسئلن جو شڪار آهي، ۽ ان جو اڪيلو حل اهو آهي ته اسين ماحول دوست بڻجي، پنهنجي ماحول کي وڻن جي صورت ۾ سرسبز ۽ سائو رکون ته جيئن گلوبل وارمنگ کي گهٽائي سگهجي. ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ آئل اينڊ گيس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي ايل) جي سهڪار سان ڪجھ ڏينهن اڳ وڻ پوکي مياواڪي ٻيلي جو افتتاح ڪيو ويو. هي منصوبو شهري ٻيلن کي فروغ ڏيڻ، حياتياتي تنوع کي وڌائڻ ۽ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم قدم آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي قائم مقام وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کنڀاٽي مياواڪي ٻيلي جو افتتاح ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته، وڻ زندگيءَ جو حُسن آهن، جنهن ڪري نه صرف موجود وڻن جي حفاظت ڪجي ۽ نوان وڻ پڻ لڳائڻ گهرجن.

هن اوجي ڊي سي ايل جي سهڪار تي ان جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته، ها ٽي اسان جي ذميواري آهي ته اسين ٻوٽن جي انهن جي معيار مطابق خدمت ڪري انهن کي وڌائي وڻ ڪيون. انسٽيٽيوٽ آف پلانٽ سائنسز جي ڊائريڪٽر ۽ پلانٽيشن اينڊ بيوٽيفڪيشن ڪميٽي ڪنوينر پروفيسر ڊاڪٽر رابعه اسماءُ ميمڻ، مياواڪي ٻيلي جي ٽيڪنڪ جو مختصر تعارف ڪرائيندي شهري ٻيلن جي اهميت تي زور ڏنو ۽ تفصيل سان ٻڌايو ته ڪيئن اهو طريقو حياتياتي تنوع کي وڌائي ٿو ۽ موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي گهٽائي ٿو. هن اهو پڻ چيو ته مياواڪي طريقي تحت مختلف وڻن سان يونيورسٽيءَ جو ماحول بهتر ٿيندو، ۽ گرمي جي شدت کي پڻ اهو گهٽائيندو.

جاپاني نباتات جي ماهر ڊاڪٽر اڪيرا مياواڪي پاران پيش ڪيل مياواڪي طريقو تيز ۽ گهاٽن ٻيلن جي واڌ کي فروغ ڏئي ٿو. هن ٽيڪنڪ تحت وڻن کي 10 ڀيرا تيز ۽ 30 ڀيرا وڌيڪ گهاٽو وڌائي سگهجي ٿو.





تقريب ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عرفانه ملاح جو چوڻ هو ته اڄ 700 ٻوٽا لڳائي وڻڪاريءَ جي شروعات ڪئي وئي آهي. هن ايراضي ۾ 4000 تائين ٻوٽا پوکيا ويندا. هاڻي اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اسين انهن وڻن جي مالڪي ڪريون. عرفانه ملاح چيو ته هن منصوبي جو مقصد هوا جي معيار کي بهتر بڻائڻ، قدرتي ٿڌي هوا فراهم ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي ڪيمپس اندر هڪ خودمختار ماحولياتي نظام ٺاهڻ آهي ته جيئن هڪ سرسبز ۽ صحتمند مستقبل کي فروغ ڏيئي سگهجي.

تقريب ۾ ماحولياتي ماهر ناصر پنهور پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته، ماحولياتي تبديلي هن صديءَ جي وڏي حقيقت آهي. جهڙي طرح هرسال گرمي جا نوان رڪارڊ ٿيي رهيا آهن، اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته اسان وڻڪاري مهم کي هٿي ڏيون. هن ٻڌايو ته، عالمي معيار مطابق ڪنهن ملڪ جي ڪل ايراضيءَ جي 25 سيڪڙو ايراضيءَ تي ٻيلا هُئڻ ضروري آهن، پر اسان وٽ سرڪاري انگن اکرن مطابق صرف 5 کان 6 سيڪڙو ايراضيءَ تي ٻيلا آهن. حقيقت۾ اهي به نه آهن. هن چيو ته، اڄ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظاميه ۽ او جي ڊي سي ايل ڪمپني جو هي قدم وقتائتو ۽ ڪارائتو آهي. جپاني نموني تحت وڻ پوکڻ جو فائدو رسندو ۽ ٻين تعليمي ادارن کي پڻ گهرجي ته اهي پڻ هن قسم جي وڻڪاري ڪن ته جيئن اسين ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏئي سگهون.

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق ڄاريڪي جو چوڻ هئو ته، هيءَ سيڙپ اسان جو مستقبل بهتر بڻائيندي. مياواڪي ٻيلي بابت ڊاڪٽر حاڪم علي مهيسر چيو ته سماجي ذميواري تحت اهڙا منصوبا سُٺا ثابت ٿيندا. اسين هڪ ٻئي منصوبي: گرين ۽ ڪلين ڄامشورو تي ڪم ڪري رهيا آهيون. انهن سڀني رٿائن جو اسان جي معاشري تي ڊگهي عرصي تائين اثر رهندو. ■(ڪاوش دنيا جو خاص نمائندو)

## غزل



**عبدالله آس هنڱورجو**

هيڪل چڙدي سنڌڙي، آڪاش هليو وئين تون
جهوري سڄي جندڙي، آڪاش هليو وئين تون

توکي ئي تصور ۾ هر روز سنڀاريان ٿو
ڌرتيءَ کان وئين وڇڙي، آڪاش هليو وئين تون

تاريخ جڏهن پڇندي مان صاف ٻُڌائيندس
تحريڪ وئي اُجڙي، آڪاش هليو وئين تون

هي سنڌ ٻري اٿندي رائيگان نه ذرو ويندئي
قاتل به ويندو اُکڙي، آڪاش هليو وئين تون

هي آس اکيون آهن ڳوڙهن کي ڇُپائن لئه
بس ڳالهه آهي هڪڙي، آڪاش هليو وئين تون.



# شاعريءَ جي دنيا

عالمي شاعري جي ڏينهن جي شروعات يونيسڪو جي 30هين جنرل ڪانفرنس دوران عالمي شاعري جو ڏينهن ملهائڻ واري فيصلي سان ٿي هئي. اهو ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي سبب اهو هئو ته جيئن قومن جي ثقافتي ورثي ۽ لساني متڀيد کي روڪڻ ۾ شاعري جي ڪردار تي زور ڏنو وڃي. شاعري، ڪٿا، آکاڻي، قصو ۽ ڪهاڻي ٻڌائڻ يا، اڄوڪي دور ۾ سوشل ميڊيا تي بلاگ لکڻ، فنڪاراڻي اظهار ۽ تهذيبن ۾ گڏيل قدرن کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ طاقتور وسيلي طور ڪم ڪري رهيو آهي.

شاعريءَ جو عالمي ڏينهن. شاعراڻي اظهار ۽ ٻوليءَ جي حسناڪين کي خراج پيش ڪرڻ جو جشن

هر سال 21 مارچ تي شاعريءَ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي اظهار جي ڏانوَ جي هڪ عالمگير شڪل طور شاعري جي دائمي طاقت جو جشن آهي. سن1999ع ۾ يونيسڪو پاران اعلانيل، هي ڏينهن پڙهڻ، لکڻ، اشاعت ۽ شاعري سيکارڻ جي ڪوشش، ڪاوشن ۽ محنتن کي فروغ ڏيڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. تخليقيت کي مانُ ڏيڻ، خطري ۾ پيل ماءُ ٻولين جي حفاظت ڪرڻ ۽ ثقافتن ۾ ڳالهه ٻولهه کي فروغ ڏيڻ جي صلاحيتن جو ڏس ڏئي ٿو.

عالمي شاعري جي ڏينهن جي شروعات يونيسڪو جي 30هين جنرل ڪانفرنس دوران عالمي شاعري جو ڏينهن ملهائڻ واري فيصلي سان ٿي هئي. اهو ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي سبب اهو هئو ته جيئن قومن جي ثقافتي ورثي ۽ لساني متڀيد کي روڪڻ ۾ شاعري جي ڪردار تي زور ڏنو وڃي. شاعري، ڪٿا، آکاڻي، قصو ۽ ڪهاڻي ٻڌائڻ يا، اڄوڪي دور ۾ سوشل ميڊيا تي بلاگ لکڻ، فنڪاراڻي اظهار ۽ تهذيبن ۾ گڏيل قدرن کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ طاقتور وسيلي طور ڪم ڪري رهيو آهي. تاريخي طور تي 15 آڪٽوبر رومن شاعر ورجيل جي سالگرهه واري ڏينهن کي سندس اعزاز ۾ شاعري جي ڏينهن طور وڏي پيماني تي تسليم ڪيو ويو. بهرحال، 21 مارچ هاڻي شاعريءَ جي ثقافتي ۽ فنڪاراڻي تعاون جي جشن ۾ عالمي سطح تي قومن کي متحد ڪري ٿو.

اهو ڏينهن شاعرن، استادن ۽ برادرين کي، زباني روايتن کي بحال ڪرڻ، مشاعرن جو انتظام ڪرڻ ۽ شاعريءَ جي اشاعتن تائين رسائي وڌائڻ جي حوصلا افزائي ڪري ٿو. شاعري انهن آوازن کي هڪ موقعو فراهم ڪري ٿي، جيڪي ٻي صورت ۾ اڻ ٻڌا رهجي ويندا آهن. اها فردن لاءِ سندن جذبن، سچاڻين ۽ خيالن جي اظهار ڪرڻ جا موقعا پڻ پيدا ڪري ٿي.

هن سال واري شاعري جي عالمي ڏينهن جو موضوع هئو: ”شاعري امن ۽ شموليت لاءِ پل.“ اهي موضوع امن، تخليقيت ۽ شموليت کي فروغ ڏيڻ ۾ شاعريءَ جي تبديليءَ واري ڪردار کي اجاگر ڪن ٿا. شاعري سرحد پار جي ماڻهن کي ڳنڍي ٿي، باهمي سمجهه ۽ احترام کي فروغ ڏئي ٿي، پوئتي پيل ماڻهن، برادرين، سماجن ۽ ماءُ ٻولين جي مختلف آوازن کي وڌائڻ، ثقافتي متاستا ۽ سماجي يائيچاري لاءِ پڻ هڪ پل طور ڪم ڪري ٿي.

اهو ڏينهن، درسگاهن، تعليمي ادارن، يونيورسٽين، ڳوٺن، شهرن، ملڪن ۽ عالمي سطح تي تقريبون ڪوٺائي شاعرن کي ملهائڻ، گهٽ سڃاتل ٻولين ۾ ٽيل شاعريءَ کي نه رڳو شايع ڪرڻ پر ان کي ترجمو ڪرڻ جي روايت قائم ڪرڻ ۽ فنڪاراڻي اظهار جي هن انڊلٽي صورت، شاعريءَ جي مختلف صنفن جي تخليقڪارن کي منچ فراهم ڪري ڪين ان ڏينهن تي رٿيل ڪاڄن ۾ شرڪت ڪرڻ جي نه رڳو حوصلا افزائي ڪجي پر وسيلا پڻ مهيا ڪري ڏيڻ تي ڌيان ڏجي.

شاعريءَ کي سماج جي اظهار طور هڪ وسيلي جي شڪل ۾ فروغ ڏيڻ لاءِ اسان کي مختلف قسمن جي ڪمن جون پڻ شروعاتون ڪرڻيون پونديون، جيئن تخليقيت ۽ ثقافتي اظهار کي نه رڳو ملهائجي، پر ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي. ان ڏس ۾ جيڪي ڪوششون وٺجن انهن ۾ هي به شامل آهن:

ساڃاهه (خواندگي) جو فروغ: بنيادي انساني حق جي طور تي ساڃاهه جو سلسلو برقرار رکڻ جو ماحول پيدا ڪرڻ.

تعليم: بنيادي انساني حق جي طور تي هر شهريءَ کي سندس ماءُ ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيتن حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ.

لائبريريون قائم ڪرڻ: ادب، ثقافت ۽ پڙهڻ کي فروغ ڏيڻ لاءِ شهرين جي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ لائبريريون قائم ڪرڻ.

ادب جا تخليقي شهر: انهن شهرن جي حمايت ڪجي جيڪي ادب، تخليقيت ۽ شاعري تائين رسائي کي ترجيح ڏين ٿا.

ان سان گڏ خطري ۾ پيل ٻولين کي محفوظ ڪرڻ ۽ لساني متڀيد کي گهٽائڻ ۾ شاعريءَ جي ڪردار کي عالمي سطح تي تسليم ڪيو وڃي ٿو، انڪري شاعريءَ کي تعليم ۽ شموليت لاءِ هڪ ڪارگر وسيلو پڻ ٻڌائي سگهجي ٿو.

اسان جٽادار ترقيءَ جي هن جُڳ ۾ جيئون پيا، جيڪو سن2016 کان سن2030ع تي محيط آهي. شاعريءَ جي عالمي ڏينهن سان گڏيل قومن جي جٽادار ترقيءَ جي ٽارگيٽن (SDGs) تي نظر وجهڻ سان ڏسجي ته اهو ڏينهن انهن سان به مطابقت رکي ٿو، خاص طور تي4: SDG_ معياري تعليم: شاعريءَ ذريعي خواندگي ۽ تخليقيت کي فروغ ڏيڻ.

:10 SDG_عدم مساوات ۾ گهٽتائي: گهٽ نمائندگي ڪندڙ برادرين جي آوازن کي وڌائڻ ۽ خطري ۾ پيل ٻولين کي محفوظ ڪرڻ.

16: _SDGامن، انصاف، ۽ مضبوط ادارا: امن، ڳالهه ٻولهه ۽ باهمي سمجهه کي فروغ ڏيڻ لاءِ شاعريءَ جو جوڳو استعمال ڪرڻ.

تنهن ڪري شاعريءَ جو عالمي ڏينهن دنيا کي شاعراڻي اظهار جي دولت کي ملهائڻ جي دعوت ڏئي ٿو. برادريون عالمي شاعريءَ جي حسناڪين کي ڏيکارڻ لاءِ شاعري پڙهڻ، گڏجاڻيون، ميلا ۽ ثقافتي ميڙاڪا منعقد ڪن ٿيون. تعليمي ادارا شاگردن کي ثقافتي تحفظ ۽ تخليقي سوچ ۾ شاعري جي ڪردار کي ڳولهڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿا.

شاعرن، ليکڪن ۽ پڙهندڙن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي جيئن اهي پنهنجا تجفيا وندين، مقامي واقعن ۾ حصو وٺن ۽ لفظن جي تبديلي واري طاقت کي ملهائين. شاعريءَ جو عالمي ڏينهن هڪ موقعو آهي ته شاعري ڪيئن پَلَ کي ورهائي ٿي، ٻولين کي محفوظ ڪري ٿي، ۽ اميدون جنمي ٿي. اچو ته 21 مارچ 2025ع تي، هن عالمي جشن ۾ شامل ٿيئون ۽ ساڳي ڏينهن تي ملهائجندڙ پاڻين جي عالمي ڏينهن تي شاعراڻي اظهار جي تخليقيت، خوبصورتي ۽ لچڪ جو اظهار به ڪريون.

شاعريءَ جي عالمي ڏينهن تي سنڌيءَ جي سرموڙ شاعر لطيف کي ياد نه ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي ۽ ساڳي ريت منهنجي دور جي شاعر اياز کي ڪير وساري، پنهنجي ٿهيءَ ۾ مان به ته شاعر آهيان جنهن سنڌي زبان کي 192 ڪتاب ڏنا آهن جن ۾ شاعريءَ جا 39 ڪتاب نه شامل آهن اهي سڀ ڪتاب بنا ڪنهن معاوضي جي هن لنڪ تئون حاصل ڪري سگهجن ٿا. ■

https://lib.sindh.org/kitaab?_token=83zvxMwZS0cpL1RtXPIjCayvaJZuE6SQda5jmVV2&keyword=everything&title=Abdul%20Rehman&page=2

عبدالرحمٰن پيرزادو

# فلسطيني ۽ اسرائيلي ڊائريڪٽرس جي گڏ ٺاهيل فلم ايوارڊ ڪٽي ورتو





فلسطيني-اسرائيلي هدايتڪارن جي سهڪار سان ٺهيل فلم ”نو اَدر لينڊ“ ڪيليفورنيا ۾ ٿيل انڊيپينڊنٽ اسپرٽ ايوارڊز ۾ بهترين دستاويزي فلم وارو اعزاز حاصل ڪري ورتو. آمريڪي نيوز ايجنسي ايسوسيئيٽيڊ پريس مطابق الهندي ڪناري جي هڪ ڳوٺ جي تباهيءَ بابت ٺاهيل هن فلم کي عالمي شهرت يافته فلم ايوارڊ، آسڪر لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي.

40هين انڊيپينڊنٽ اسپرٽ فلم ايوارڊز جي تقريب ڪيليفورنيا جي ساحلي شهر سينتامونيڪا ۾ تازو ٿي، جيڪا آزاد فلمن ۽ ٽيليويزن جي بهترين ڪمن جي ساراهه لاءِ مشهور تقريب آهي. هيءُ ايوارڊ يافته فلم چئن فلسطيني ۽ اسرائيلي فلم ڊائريڪٽرن: باسل عدرا، حمدان بلال، يووال ابراهم ۽ راحيل شور جي گڏيل هدايتڪاريءَ ۾ ٺهيل سندن پهرين فلم آهي. فلسطيني هدايتڪار باسل عدرا جي جدوجهد کي بيان ڪندڙ هيءُ فلم، مغربي ڪناري جي ڏاکڻي علائقي ’مسافر يطا‘ ۾ رهندڙ هڪ نوجوان ڪارڪن جي ڪهاڻي پيش ڪري ٿي. باسل عدرا پنهنجي ننڍپڻ کان ئي اسرائيلي فوجين جي هٿان گهرن جي تباهي ۽ فلسطيني عوام جي جبري بي دخلي کي دستاويزي شڪل ۾ محفوظ ڪندو پيو اچي. ■

# مصنوعي ذهانت واري ڳائڻي ”مايا“



ممبئيءَ ۾ تفريح جي صنعت ۾ هڪ تاريخي لمحو ڏسڻ ۾ آيو، جتي ڀارت جي پهرين مصنوعي ذهانت (AI)تي ٻڌل هندي ڳائڻي ۽ ماڊل مايا جو آغاز ڪيو ويو. سندس شروعاتي گيت ”ڪون هي يہ“ جديد AIٽيڪنالاجيءَ کي فنڪاريءَ سان ملائي ٿو، جيڪو موسيقي، ماڊلنگ، ۽ وڊيو پروڊڪشن ۾ هڪ انقلابي اڳڀرائي جو مظاهرو ڪري ٿو.

مايا کي اسٽاس ڪينواس تخليق ڪيو آهي، جيڪو هڪ AIمواد تي ٻڌل اسٽوڊيو آهي، جيڪو ٽيڪنوڪريٽ سنديپ ترپاٺي ۽ سندس شاگرد اڀيجيت ساهو گڏجي




قائم ڪيو آهي. مايا جي آواز لاءِ ڪلِنگ AI۽ بصري سيٽاَپ لاءِ فلوڪس جهڙن اوزارن جو استعمال ڪيو ويو. مايا جو شروعاتي گيت، جيڪو هڪ شاندار وڊيو سان گڏ آهي، وڏين اسٽريمنگ پليٽ فارمز تي جاري ڪيو ويندو، جيڪو تخليقي صلاحيتن کي عام ڪرڻ ۽ وسيلن جي کوٽ کي دور ڪرڻ ۾ AIجي انقلابي امڪانن کي اجاگر ڪري ٿو. سائنسي ماهرن مطابق مايا جو اچڻ هڪ نئين دور جي علامت آهي، جتي AI۽ فن تخليقي اظهار ۽ تفريح جي حدن کي نئين سر بيان ڪري رهيا آهن. ■